وڌندو ھئو معنيٰ سدائين وڌندڙ رھي - ليکڪ)
ي آيل مھانوڀاون مھاراجا سڌارٿ جي ڳالھہ کي
ڪو ڏنو ۽ ٻالڪ جو نالو ورڌمان رکيو ويو. جين پراڻن
ھو بہ ورڻن تو ملي تہ ٻالڪ ورڌمان جي جنم اُتسو
ديوراج اندر ۽ ٻيا ديوتائون پڻ مھاراجا سڌارٿ جي
ازي ۾ آيا ۽ مھان اُتسو ڪيائون جنھنکي جنم
ڻ مھوتسو بہ چون ٿا. ديوراج اندر ٻالڪ کي پنھن
اراوت ھاٿيءَ تي چاڙھي سميرو پربت تي وٺي
آئي ڪيس پانڊڪ شلا تي وھاري ڪير ساگر جي
سان سندس ورامت تلڪ ڪيائين.

ٻالڪ ورڌمان جنم کان ئي تندرست، سندر ۽ ڪشش
ڌڙ بدن وارو ھئو. ھو ٻيج جي چنڊ رما وانگر

ڌاڻيءَ ۽ وڻيچو وڌڻ سان گڏو گڏ ٻالڪ به ماتا جي گرڀ
۾ پرڪرتي جي نيم انوسار وڌڻ لڳو. گرڀ جي ڏينهن
۾ ماتا ترشلا خبرداريءَ سان اٿندي ويهندي ۽ هلندي
هئي. کاڌي پيتي جو ڌيان رکندي هئي. تندرستي
وڌائيندڙ جلد هضم ٿيندڙ کاڌو کائيندي هئي، چنتا،
شوڪ، موهه، دشمنيتا ۽ ٻڇڙي کان پاڻ کي پري رکندي
هئي. چت کي سکي ڪندڙ سندر گهر ۽ ڪمري ۾
هوءَ رهڻ لڳي.

نگرواسين ۽ ڪٽنبين جي لمبي انتظار ڪانپوءِ نو مهينا
ساڍا ست ڏينهن گذرڻ ڪانپوءِ چيٽ مهيني جي سهائي
پکش جي متي تيرس جي ڏينهن نيٺ اهو شڀ ڏينهن
۽ شڀ گهڙي آئي جڏهن ماتا ترشلا هڪ سندر پتر
رتن کي جنم ڏنو. جهڙي رات پرڀات جي پوتر ويلا
۾ پورب دشا سورج کي جنم ڏيندي آهي اهڙي
رات ممتا مئي ماتا ترشلا پرڻ اڀرندڙ سورج جيان
چمڪندڙ سونهري ڪرڻن سان ڀرپور تيجسوي ٻالڪ کي
جنم ڏنو. ٻالڪ جي جنم تي چوڌاري واڌايون وري
ويون. راجا سڌارٿ پتر جي جنم تي زيور، مدرائون،
اناج، هاٿي گهوڙا ۽ ٻيو مال اسباب دان ۾ ڏنو. نگر
کي سينگارڻ جو حڪم ڏنو ويو. نگر جي چپي چپي طرف
کان صفائي ڪري عطر ڦليل ڇڙڪيا ويا. سڙڪ چوراها
گهٽيون ۽ مڪان سڀ سجايا ويا. جهنڊيون ڦهرايون

ب جلد ئي قابو نہ ڪيو ويو تہ ڪافي جن ڌن جو
صان ڪري وجهندو. راجڪمار وردمان کي جڏهن
ا خبر ملي تڏهن هو هڪدم ڊوڙي آيو ۽ جلد ئي
هنجي شڪتي ۽ يڪتي سان هاٿي کي قابو ڪيائين
ندس مستي ختم ڪيائين. راجڪمار وردمان جي
رتا ڏسي سڀ دنگ رهجي ويا ۽ سندس ٻهادريءَ
ون سرڪيون پريندا رهيا.

ڀڳوان مهاوير ننڍپڻ کان ئي نهايت بي ڊپو هئو.
ڪ دفع هو پنهنجي هم عمر ٻارن سان گڏ هڪ بغيچي
راند ڪري رهيو هئو اُن وقت سندس عمر لڳ ڀڳ
ٺ سال هئي. اُن وقت راند جي سڀا ۾ مهاوير جي
ا ڪرم ۽ ويرتا جو پرسنگ اچي چڙيو. اندر چيو تہ
لڪ مهاوير ننڍپڻ کان ئي اهڙو ساهسي ۽ پراڪرمي
ي جو ديو، دانو ۽ مانو ڪير بہ ڪيس هارائي نہ
گهندو. ان وقت سنگم نالي هڪ ديو اُتي ويٺو هئو
هنکي ان ڳالهہ تي يقين نہ آيو ۽ هن ٻالڪ مهاوير جي
ڪتي پرکيا ونڻ جو ويچار ڪيو. هو اُن بغيچي ۾
هتو جتي ٻالڪ مهاوير ٻين ٻالڪن سان گڏ راند ڪري
هيو هئو. ان وقت سنگم ديو ڪپٽ ڪري هڪ
ينڪر اجگر جو روپ ڌارڻ ڪيو ۽ پپل جي وڻ کي
ڪوڙجي ويو ۽ ڀينڪر زهريلو ”ڦوڪون زور زور
ن ڏيڻ لڳو. نانگ جون اهي زهريلون ڦوڪون

ٿيزيءَ سان وڌڻ لڳو ۽ پنهنجو نالو سارٿڪ ڪيائين. سندس سونهري رنگ واري ڪايا پنهنجي نرمل چمڪ کي چئني طرفن ڦهلائي چئني طرفن جو واتاورڻ نرمل ڪندي هئي ۽ سڀني کي موهيندي هئي سندس روپ جي سندرتا جو آنند وٺڻ لاءِ ديوراج اندر پنهنجا هزار نيتر نائيا هئا.

ورڌمان ٻالڪپڻ کان ئي نڀئه وير ڌير ۽ گنڀير سڀاءَ جو هئو. هو آتم گياني وچار وارو ۽ گياني هئو.

ٻالڪ ورڌمان جي ويرتا

ٻالڪ ورڌمان ٻچپڻ ۾ سڪيو ئي ڪونه هئو. هو ساهس جو ڏٺي هئو. هنکي ننڍي هوندئي وير ۽ اتي وير ڪري ڪوٺيو ويندو هئو. آتم گياني هئڻ ڪري ڪيس سنمتي به چوندا هئا سندس پنج نالا پرسڌ آهن - وير، اَتي وير، مهاوير، سنمتي ۽ ورڌمان.

هڪ دفع هڪ هاٿي مست ٿي ويو ۽ گج شالا (هاٿين جو طبيلو) مان ٽٽيو ڪيرائي ڀڳو ۽ شهر ۾ تباهي مچائي ڏنائين سڀني پاسي ڪلاٻلي مچي وئي سڀ ماڻهو ڀپ وچان هراسجي هيڏانهن هوڏانهن ڀڄڻ لڳا. هاٿيءَ جي ٻڙڪارڻ ۽ گرجنا سان گگن گونجائمان ٿيو. اهڙيون ڏکيون حالتون اچي پيدا ٿيون جو هوشيار پيلبان (هاٿي هلائيندڙ) به ان هاٿي کي پنهنجي هٿ ۾ نه رکي سگهيا اهو انومان هئو نه جيڪڏهن ان هاٿي

ي مٿانئس چڙهي ويٺو مهاوت جي واهڻ کان پوءِ ان
ڏٺو دئيت جو روپ ڌارڻ ڪري هن پنهنجي شرير
آڪار وڌائي وڏو ڪيو ۽ ڀيانڪر گجگوڙ ڪرڻ لڳو
سڀ ٻالڪ ڊڄي ويا هيڏانهن هوڏانهن ڀڄڻ لڳا.
ورڌمان کي دئيت کڻي ٿو وڃي کيس ڪير ڇڏائي.
ي رڙيون ڪرڻ لڳا. ليڪن ورڌمان نه گهٻرايو هن
مت ڪري دئيت کي پٺيءَ تي مڪون هڻڻ شروع
يون. اهي مڪون لڳنديءَ دئيت کي زبردست پيڙا
ي ۽ ويو سنگمدو ديو جو اصلي روپ ۾ اچي ورڌمان
ي ڌرتيءَ تي لاٿائين ۽ سندس پيرن تي ڪري
ئس معافي گهرائين.

ڏا پتا ٻئي صحي

هڪ دفعي جي ڳالهه آهي ته ورڌمان پنهنجي ٧ ماڙ
ج محل جي چوٿين ماڙي ۾ چنتن ۾ ويٺو هئو. اُن
ت سندس مترن ٻالڪ کيس ڳولهيندا اچي پهتا هئن
ندس ماتا راڻي ترشلا کان پڇيو ته مهاوير ڪٿي آهي.
ا صاحب فرمايو ته مٿي آهي ان تي، ٻالڪ هڪدم
يئي ماڙا چڙهي مٿي پهتا ستين ماڙي تي سڌارٿ
ڌمان جو پتا موجود هئو. ٻالڪن کانئس پڇيو ته
ڪمار ورڌمان ڪٿي آهي ان تي راجا جواب ڏنو
هيٺ آهي. ٻالڪ منجهي پيا ته آخر راجڪمار ڪيڏانهن
ماتا چوي ٿي ته هو مٿي آهي هوڏانهن پتا چوي

ڏسي سڀ ٻالڪ ڀڄي ويا ۽ رانڊ ڇڏي هيڏانهن
هوڏانهن ڀوڄڻ لڳا. ٻالڪ مهاوير سڀني کي سڏ ڪري
چيو تہ ڀڄو ڇو ٿا؟ ڀڄڻ جي ڪهڙي ضرورت آهي
هي اجگر اسانکي ڇا ڪندو ڏسو اجهو تو ڪٽي ڪيس
پري ڦٽو ڪيان. ائين چئي هو اڳتي وڌيو ۽ پپل جي
وڻ ومت ٻهڪي اجگر کي پڪڙي ائين ڪٽي ڦٽو ڪيائينس
جئڪ هڪ ڪينوهڙو هئو يا پراڻي نوڙي. وردمان
جي اها ويرتا ڏسي ٻالڪ وري موٽي آيا ۽ رانڊ ۾
لڳي ويا.

ليڪن سنگم ديو کي ايمان ۾ مهاوير جي ويرتا تي
ڀروسو نہ آيو. وري ٻئي دفع جي ڳالهہ آهي تہ سڀئي
ٻالڪ شهر کان ٻاهر گهوڙي - گهوڙي جي رانڊ ڪري
رهيا هئا. ان رانڊ مطابق ۲ ٻالڪ گڏ ٿي ڊوڙيا جيڪو
ٻالڪ پهريائين وڃي وڻ کي هٿ لڳائي تہ هو هارائيندڙ
ٻالڪ کي گهوڙي بڻائي ان مٿان سواري ڪري ميدان
جو هڪ چڪر لڳائيندو هئو. سنگم ديو وردمان جي
پرکيا وٺڻ لاءِ هي موقع سٺو سوچيو. هو بہ هڪ ٻالڪ
جو روپ ڌاري وردمان جي ٻالڪن سان گڏ ان رانڊ
۾ شريڪ ٿيو. جڏهن وردمان جو ڊوڙڻ جو وارو آيو
تڏهن هي ساٿس گڏ ڊوڙيو ۽ ان ڊوڙ ۾ هاراياٺين. ان
ڪري کيس مهاوير کي پنهنجي ڏيڻ لاءِ گهوڙي بڻجڻو
پيو. جڏهن هو گهوڙو بڻيو تڏهن مهاوير ٽپ ڏئي

نديءَ هوندي کان ئي ساهسي ڪم ڪندي ورڌمان
پنهنجي پريوار جي راڄائي ٺاٺ ٻاٽ جي واتاورڻ ۾
ھر روز وڌڻ ۽ وڏو ٿيڻ لڳو. سندس پريوار ۾ سندس
ماتا پتا کانسواءِ وڏو ڀاءُ جنهنجو نالو نندوردن هو،
ڀيڻ سدرشنا ۽ چاچو پارشو هو. سندس ڀيڻ کي هڪ
ٺٽ جمالي هو جنهنکي شيشوتي نالي هڪ ڪنيا هئي

ورڌمان شانت سڀاءَ جو هو. جواني ۾ پير رکندي
ي سندس گنڀيرتا وڌي وئي. هو نهايت ئي ويراڳيـ
چاهيندڙ ايڪانتواسي ٿي ويو هو سدائين چنتن ۾ لڳل
هوندو هو. هو تتوني چرچا ڪندو هو. تتو سنبندي
وڏي کان وڏيون شنڪائون هو تتوُ جگياسين جون
ٻالڪن ۾ دور ڪري ڇڏيندو هو. وڏا وڏا رشي
ونس ايندا هئا ۽ اچي پنهنجي شنڪائن جو سماڌان
ڪائنس پڇندا هئا.

هڪ دفع سنجئه ۽ وجئه نالي ٻن رشيڌاري منين
جي شنڪا جو سماڌان نه صرف ورڌمان کي پرهان
ڏسڻ سان ئي ٿي ويو تڏهن هنن ٻالڪ ورڌمان جو نالو
”سنمتي“ ڪري رکيو.

ٻڌي سان گڏو گڏ ورڌمان جي سوچڻ جي شڪتي
تيز اضافو ٿيو هو. گهر اندر رهندي به مهاوير جي
ن ۾ انيڪ سوال اٿندا هئا. جڏهن به مهاوير گهر کان
اهر سير سپاٽي لاءِ نڪرندو هو ته هو پنهنجي چوڌاري

ٿو ته هوءَ هيٺ آهي. آهي ٻئي ڪيئن ڏيکاريندا ڪونه؟ سو هر طرح ۾ هنن مهاوير کي ڏکوئڻ شروع ڪيو آخر مهاوير کين چوٽين ماڙي تي مليو. سندس سائين ڪيس سندس ڏکوئڻ جي ڳالهه سربستي ڪري ٻڌائي ان تي وردمان کين چيو ته ماڻا پنا ٻئي صحي آهن ڇاڪاڻ ته ماڻا لاءِ آءُ مٿي هوس ۽ پنا لاءِ آءُ هيٺ هوس. ان تي سڀئي ٻالڪ گڏ گڏ ٿيا جي ٻالڪ ته هڙو جو ماڻا پنا ٻنهي جو سنمان ٿو ڪري.

وديا ۾ نپڻ

وردمان کي ٨ سالن جي عمر ۾ ئي پڙهڻ لاءِ ويهاريو ويو هئو. هنجي پڙهائيندڙ اڌياپڪ جو نالو ڪالاچاريه هئو. جڏهن ديوراج اندر کي اها سوچنا ملي ته ڏهن مهاوير جي پرکيا وٺڻ جي خيال کان هڪ ٻڍي ماڻهو جو روپ ڌاري ان پاٺشالا ۾ آيو جتي مهاوير پڙهندو هئو. ڪالاچاريه جي سامهون ئي اندر انيڪ سوال وردمان کان پڇيا جنجا جواب سولائي ۽ ڦڙتي سان هن ڏنا جي ٻڌي خود ڪالاچاريه دنگ رهجي ويو ان تي ٻڍي جو روپ ڌاريل اندر ڪالاچاريه کي چيو ته هي ٻالڪ اساڌارڻ ٻڌي جو آهي گيان جو ڀنڊار آهي هن کي ڪنهنجي پاٺشالا جي ساڌارڻ گيان جي ضرورت نه آهي.

اهڙي رهت ڀڳوان مهاوير جي ٻالڪپڻ جي جيون جون انيڪ ويرتا ڀريل ساهس واريون گهٽنائون آهن.

رف سنڌس ماتا ترشلا ۽ پتا سڌارٿ جي مرضي هئي
هوُ هينئر جوان ٿيو آهي گهر ڇڏي ۽ راڄ جون ڪجهه
ميوارين سنڀالڻ شروع ڪري. ليڪن وردمان کي
صرف هينئر هڪ ئي لنو لڳي ويئي هئي هينئر هنجو
گهر ۽ راڄ پاڻ ۾ موه ڪونه هئو. هڪ دفع ڇنن ۾
لٺي ويٺي وردمان پنهنجي اڳئين جنمن جو چترُ ڏٺو
انکري هن جنم ۾ هنجو ڪرتوئه سنڌس اکين اڳيان
ري آيو. هن گهر ٻار ڇڏي دگمبر ٿي پوڻ آتم آراڌنا
ڪرڻ جو نشچو ڪيو. هن پنهنجو نشچو پنهنجي ماتا
تا اڳيان رکي ڪائنن ساڌو ٻڻجڻ جي اجازت گهري
يڪن ماتا پتا کيس اهڙا آگيا ڏيڻ لاءِ تيار ڪونه هئا.
ردمان ۾ سوچيو ته هو ڪو به اهڙو ڪم نه ڪندو جنهن
ان سنڌس ماتا پتا جي من کي ٺيس لڳي. انکري
دوُ گهر ۾ ئي اهڙي رهت رهڻ لڳو جهڙي رهت پاٺي
ڪمل. سنڌس من ته وئراڳ سان ڀريل هئو پسلا انهن
اڄ جي سکن لاءِ انراڳ ڪٿي؟

ماتا پتا جي جيون ڪال ۾ وردمان دکيا نه وٺڻ
جو نشچو ڪيو هئو انهن جي مرڻو ڪانپوءِ هن پنهنجي
ڏي ڀراتا نندي وردن کان دکيا وٺڻ جي آگيا گهري
ليڪن وڏي ڀاءُ جو مهاوير سان گهڻو سنيهه هئڻ ڪري
هن کيس اها اجازت نه ڏني پر کيس اهو چيائين ته
جان تازو ئي ماتا پتا جو مرڻو ٿيل آهي انکري

سماجڪ واڌاوڙن جو درشن ڪندو هئو هن ڪري سماج جي اندر پيڻ صاف نظر ايندو هئو. هن ڏٺو ته سڄو سماجڪ جيون ڌرم جي ڪلي سان ٻڌل هئو. هن ڏٺو ته ارٿ ۽ راجنيتي به ڌرم جي چوڌاري پئي ڦريا. انڪري ڌارمڪ نيتائن جو چئني طرف ڪافي دٻدٻو هئو ۽ هو پنهنجي اثر جو گهڻو ئي ناجائز پريوگ ڪندا هئا.

ڌرم ۾ اندوشواس، وڌي وڃڻ ڪري سماج جو آرٿڪ ڍانچو ڊانواڊول ٿي ويو هئو. هن ڏٺو ته ڌرم جي نالي ۾ ڪريا ڪانڊ جو ٻول ٻالا هئو. ماڻهن کي روزاني جيون لاءِ ضروري شيون به نٿي مليون. هن ڏٺو ته سماجڪ جيون ۾ نه فقط آرٿڪ دوري هئي بلڪ ورگ ڀيد به ته اهڙو ته وڌيل هئو جو هڪ انسان پنهنجي من ۾ ٻئي انسان لاءِ سڀاوڪ پيار ۽ ممتا رکڻ بجاءِ نفرت ۽ ڌڪار سان ڀريل هئو.

مهاوير اهو به ڏٺو ته سماج ۾ زالن جي حالت نيڪ نه هئي استري کي صرف ڀوڳ ولاس جي وستو پئي سمجهيو ويو. مهاوير ڏٺو ته داس ۽ داسين جي روپ ۾ انسانن استرين توڙي ٻالڪن جو وڪرو ۽ خريد ان ريت پئي ٿي جيئن ڪنهن ڀوڳ ولاس جي سامگري جو ٿيندو هجي. گهر اندر رهندي به وردمان گهڻو وقت سماج جي انهن سمسيائن جي باري ۾ سوچيندو رهيو. پئي

...ڻ ڪري رهيو آهي. هر هنڌ مهاوير لاءِ آشيرواد
...وچن پئي نڪتا. منگلا چرڻ جو اُچارڻ پئي ڪيو
... سندس جئه جئه ڪار جو آڪاش ۾ گونجي ويو.

...ڪيشي جو هري پڄن

...ڄاڻهن مهاوير جي ٻالڪي راڄ مارڳ تان ڊڪشا
... لاءِ ڪنڊون وڃي رهي هئي تڏهن اپار ڀيڙ ڪئي
...ئندو هڪ ٻيو انسان پنهنجي پوري شڪتي لڳائي
...ڙندو مهاوير ڏانهن ٿي آيو. ماڻهن هن کي روڪڻ
... ڏاڍي ڪوشش ڪئي ليڪن هُو ڪيس روڪي
...گهيا ۽ هو پختائي سان مهاوير ڏانهن ئي وڌندو
...يو. راڄ درٻارن اهو ڏسي رڙ ڪري چيو ته هي
...ڪيشي چنڊال آهي ڪيس روڪيو متان ڪئي مهاوير
... ڇهي نه ڇڏي. ڀڳوان مهاوير به ڏٺو ته هڪ ٻوڙهو
...ن ڏانهنس تيز رفتار سان وڌي رهيو آهي. مهاوير
... ڪنن ۾ راڄ درٻارن جا مٿيان اکر به پيا جن هن کي
...ڪڻ ٿي چاهيو. ان تي مهاوير چيو ته ڪيس روڪيو
...ڪ اچڻ ڏيوس. مهاوير جو آديش ٻڌي سڀ
...وش ٿي ويا. ڪير به هنکي هيئنر روڪي نه سگهيو
...و وڌندو رهيو هو هرڪيشي چنڊال هئو هو مهاوير
... واڄهو وڃي هن جي چرنن تي ڪري پيو مهاوير
...ن اُٿاري گلي سان لڳايو هرڪيشي جو هري پڄن
...ڪ ٿي پيو هو گد گد ٿي پيو سندس اکين مان اي

ٿورو وقت ترسي پوءِ وچار ڪنداسين. ان تي مهاوير ٻيا ٢ سال ترسيو. آخر سندس وڏو ڀاءُ کيس دکيا وٺڻ کان نه روڪي سگهيو. سڀ نگر جي نر نارين جو مهاوير سان گهڻو سنيهه هُئو ڪنهن به نه ٿي چاهيو ته هو ڪو سنياسي ٿئي ليڪن ڪير به کيس منع ڪري نه سگهيو. نيٺ اهو شڀ ڏينهن ۽ شڀ گهڙي مهاوير جي دکيا وٺڻ لاءِ طئه ڪئي ويئي. مارگ شيرش مهيني (جنهن کي اسين ناهري مهينو چوندا آهيون - ليکڪ) جي سهائي پکش جي ڏينهن مٿي ان ڪم لاءِ طئه ڪئي ويئي. سندس ڪٽنبين ان ڏينهن کي هڪ وڏي شاهي اُتسو جي روپ ۾ ملهائڻ جو فيصلو ڪيو. هڪ رتن جڙيل پالڪي گهرائي ويئي. مهاوير کي سيتل ۽ سگنڌت جل سان اسنان ڪرايو ويو. کيس اڇي رنگ جا وستر ۽ زيور پهرائي اوڀر طرف منهن ڪري ويهاريو ويو. ڀڳوان مهاوير جي ان نشچي جي ديوتائن به ساراهه ڪئي ۽ سندس وندنا ۽ ڀڳتي ڪئي. دکشا جي مهوتسو کي شاندار بڻائڻ لاءِ خود اندر اچي انجي ويوستا ڪرائي. پرڀو جي پالڪي پهريائين منش کڻي ۽ پوءِ ديوتائن کڻي. راڄ ڀون کان ڪنڊبون نالي باغيچي تائين جتان به اها پالڪي هلي سڀني هنڌ هشام ماڻهن جا مهاوير جي درشن لاءِ اچي جمع ٿيا هئا. هر هنڌ اها چرچا هئي ته اڄ هڪ راجڪمار دکشا

ي وڏا چاڪاڻ تہ هينئر انهن سان سندس ڪوئي
وجن ڪونہ رهيو هئو. هن سڀ ڪجهہ ڇڏيو ڪجهہ
ٺيو ساڌو بڻيو نہ مگر ساڌو ٿي ويو.

جيئن گرنٿ ۽ آتم ساهتيہ ۾ اهو ورڻن ٿو ملي تہ
ان مهاوير لوڪ ڪلياڻ جي ڀاونا سان شروع ڌرم
دڪشا ورتي هئي. سندس ڀاونا کهڙي هئي
باهت لکيل آهي تہ

”هر پراڻي سک جو اڀلاشي آهي ۽ سک پراپتي
هو ڪوشش بہ ڪري ٿو پر ان هوندي بہ گهڻي ۾
ا جيو دکي نظر اچندا؟ آخر ائين ڇو آهي؟ گهڻا
و دکي ڇو آهن؟ کين سک ڇو نٿو ملي؟ ڇا
ي ٿيڻ لاء ٻين کي دکي بڻائڻو پوندو آهي؟ ۽ جي
نہ پوء سڀني کي سکي رکي پاڻ ڪيئن سک کي
ت ڪجي؟ هنڪي سڀ جي ڪلياڻ ۾ ئي پنهنجي
ياڻ جو مارگ ڳولهڻو هئو صرف ڪلپنا سان نہ پر
نجي خود جي آزمودي سان رستو ڳولهڻو هئو.

مهاوير منيراج ورڌمان بڻيو. نگر ڇڏي هو بن
هن راهي ٿيو. هو ويت راڳي بڻجي ويو هئو ۽
ڻ ويت راڳي بڻجڻ جي راه تي هلي رهيو هئو
لاء بن ۽ نگر ۾ ڪوئي فرق وڃي ڪونہ رهيو هئو
مؤن ڌارڻ ڪيو ۽ سدائين هو آتم چنتن ۾ لڳل
يو. سنياسي بڻجڻ کانپوء مهاوير لڳ ڀڳ ساڍا ٻارهن

اختيار خوشيءَ جا ڳوڙها ڳڙي رهيا هئا. اُتي خاص بي شمار جنتا لاءِ اها هڪ بي مثل گهٽنا هئي هڪ راجڪمار جو سنياسي بڻجڻ وارو آهي اُهو هڪ اڇوت چنڊال جنهن جي پاڇي کان به ماڻهو پري ڀڄندا هئا، کي پنهنجي گلي لڳائي. بيشڪ اها لاجواب ڳالهه هئي.

مهاوير جنهن سماجڪ ڪرانتي آڻڻ لاءِ سنياس ڌارڻ تي ڪيو اُنجي شروعات هتان ئي شروع ٿي. مهاوير جي ان هلت ٻيا ڪنهن اُپديش جي اهو سنديش ڏنو ته هن جڳت ۾ نه ڪوئي اونچ آهي ۽ نه ڪوئي نيچ نه ڪوئي چنڊال آهي ۽ نه اڇوت. ڀڳوان مهاوير جي شروع ڪيل ڪرانتي اڄ جي يگ ۾ ساڪار روپ ورتو آهي اڄ جي يگ ۾ ڇوئا ڇوت گهٽي پاڳي گهٽجي وئي آهي.

ان رهت اها شوڀا ياترا منزلون طئه ڪندي ڪنڊون ۾ پهتي. ٽيهه سالن جي ڀري جواني ۾ راجائي محلن جو سک جو تياڳ ڪري، ڀوڳ ولاس ٺوڪاري، لوڪ ڪلياڻ جي پاونا ڪان پرڀرت ٿي هڪ راجڪمار راج سنياسي بڻيو. جين پرمپرا مطابق ڀڳوان مهاوير وسترن جو تياڳ ڪيو. سنڌس وارن کي پٽيو ويو. هن گرهست ڌرم ڇڏي شرمڻ ڌرم جو پالن ڪرڻ لاءِ پنج مها ورت پالن ڪرڻ جو درڍ سنڪلپ ڪيو. اڄ پرڀو مهاوير جا سڀئي سان ناتا ٽٽي ويا سنڌس سڀ واس

اوير کيس هڪ دشالو جيڪو ديوراج اندر کيس ڏنو
ڻو انجا بہ ٽڪر ڪري اڌ دشالو ان برهمڻ کي ڏنو.
همڻ اڌ دشالو وٺي خوش ٿي شهر ڏانهن موٽي آيو.
ڏهن هن اهو دشالو بزار ۾ وڪري لاءِ ڏيکاريو تڏهن
وُ اُنجي قيمت ٻڌي دنگ رهجي ويو کيس اهو ٻـ
ڻيو ويو تہ جيڪڏهن هوُ ڪيئن بہ ڪري دشالي جو ٻيو
ڌ بہ هٿ ڪري اچي تہ کيس هڪ لک مهرون سون
ون ٻورين ملي سگهنديون ۽ سندس غريبي هميشه
ءِ ختم ٿـي ويندي. سوم برهمڻ اهـو ٻڌي وري
ڳوان مهاوير کي ڳولهڻ لاءِ ٻن ڏانهن راهي ٿيو. هڪ
ال هڪ مهني جي ڳولها ڪانپوءِ اچي ڀڳوان مهاوير کي
ن ۾ ڳـولهي هٿ ڪيائين. ڀڳوان مهاوير جڏهن کيس
ريان ايندو ڏٺو تڏهن هن پاڻ کان پاڻ برهمڻ جي اچڻ
و پريو جن سمجهي باقي اڌ دشالو ڪلهي تان ڪسڪائي
ڪيرائي ڇڏيو جنهن کي سوم برهمڻ کڻي گهر آيو ۽
نهـي ٽڪرن کـي سبي هڪ ڪري هڪ لک سـورڻ
ڊرائن ۾ وڪڻي پنهنجو باقي جيون آنند سان ڪاٽيائين.

ڪميا مورتي مهاوير

راجڪمار مهاوير هميشہ شرمڻ ورڌمان ٻڻيو. عيش
رام ڪومل گلن جي سيج ڇڏي تمام ڏکيءَ مصيبتن
اري رستي تـي هلي رهـيو هئو. هوُ دڪشت ٿيڻ
انپوءِ **ڪرمار گرام** ڏانهن راهي ٿيو. ان ڳـوٺ کي

سال ايڪانت چنتن ۽ ڪٺور زندگيءَ جيئڻ لاءِ انيڪ
پريوگ ڪيا. ان وڏي عرصي ۾ مهاوير انيڪ ڪيترن جي
ياترا به ڪئي. ان سايا ٻارهن سالن جي جيون جون انيڪ
روچڪ گهٽنائن جو ورڻن جين ساهتيه ۾ ملي ٿو.

ڀڳوان مهاوير جي سادڪ جيون ۾ سڀ کان پهريان
گهٽنا هڪ غريب برهمڻ کي وستردان جي ملي ٿي.
پرورجيا (ديڪشا) گرهڻ ڪرڻ کانپوءِ ڀڳوان مهاوير
گياترکنڊ ٻن کان روانو ٿيو هڪ ڪنگال ڀڪشو جي
روپ ۾ هو وڃي رهيو هئو ته رستي ۾ سندس پنهـ
جو هڪ پراڻو متر "سوم" نالي ٻيو برهمڻ کيس گڏيو.
هن مهاوير کي وينتي ڪئي ته نه، وٽس کائڻ لاءِ اَن
آهي نه وري پهرڻ لاءِ ڪپڙا ۽ نه رهڻ لاءِ ڪا سٺي
جهونپڙي آهي. هو کيس چوڻ لڳو ته جڏهن اوهين
دان ڏئي رهيا هئا تڏهن مونکي خبر نه پيئي. آءٌ ته
پنهنجي ٻارن کي بک ۾ تڙ ڦندو ڏسي دان دڪشڻا وٺڻ
لاءِ هليو ويو هوس. هينئر موٽي آيو آهيان. هينئر اوهان
وٽ آيو آهيان. اوهين مون تي ڪرپا ڪريو. ڀڳوان
مهاوير کيس چيو ته هينئر ته آءٌ ڪنگال ڀڪشو آهيان.
هينئر مون وٽ آهيئي ڇا جو آءٌ توکي ڏيان. ڀڳوان مهاوير
جا اهي اکر ٻڌي برهمڻ نراش ٿي ويو. اکين ۾ آنسون
اچڻ لڳس ۽ مهاوير جا پير پڪڙي چوڻ لڳو ته ڀڳوان
مون تي ديا ڪريو مونکي ڪجهه ڏيو. ان تي ڀڳوان

تڏهن ڇوش تيئ بدران ڪراوت ۾ اچي ڪهو ڀڳوان مهاوير
جي حرف پنڊ لڳو ۽ پيڙن واري رسي ڪٽي ڀڳوان کي
کيائين ۽ ٺيڪ اُن وقت پيهو سڀاڻ انڊر واڻو هئو
ڀڳوان مهاوير جي حالت ڏسي چاهيائين هُن کي ڏيئي
چڪسڻ سان گوالي ڀڄي مهاوير تان آڪرنڊ ڪنڊو
تڏهن هڪدم ان هيٺ پرڳهٽ ٿي ڪيس چيائين
هي پيشت ٿوان هي ڇا ڪري رهيو آهين هي ڪو
نه آهي پر راجڪمار آهي جيڪو پنهنجو راڄ
بابت ڇڏي بن ۾ تپسيا ڪرڻ لاءِ نڪتو آهي اهو
بدنديءَ گوالي کي پنهنجو اچڻ لڳو هو هڪدم ڀڳوان
مهاوير جي پيرن تي ڪري پيو ۽ پرڀو کان معافي ورتي
دياجي ساگر مهاوير کيس ڪرنت معاف ڪري ڇڏيو.

سوهم پورڻ مهاوير

[illegible] جي روپ ۾ ڀڳوان مهاوير هڪ نهايت ٿيه
سنڌ ۾ سوهي ورلي ٿي لڳو سنڌس سو پاورڪ سرليستا
سنڌ ۾ اهنسا وارو جيون ۽ شانت سڀاءَ ڏسي جهنگل
جانور بن پنهنجو قدرتي وير ڇڏي بيشاڪي ۽ نٿا هئا
زانگ ۽ نور وغيرو گڏ ۾ ۽ شينهن ٻڪري هڪ گهاٽ تي پاڻي
لڳا جتي مهاوير ڌيان لاءِ ٻڌو سنڌس رهيو آهي وايو
بلڪل شانتيءَ ۾ هئي ۽ انڊرو هئو.
ڪڏهن ڪيس ڪهي جي پوڄڻ ڪرڻ جو
اڌار لائق هئو نه هو هن ۾ انيڪ سنڪلپ ڪري

هيئنس ڪامن جيوا چوڻ لڳا هو ڀلوت جي ٻاهران ولايت
جي ورتا هيئنئن اچي وانتو قلان ۾ مگر ٿي وئو . انوقت
هڪ ڳوال پنهنجي ٻئي کي ڪاهي آئي آهوان وقت
ڳائين مونٽڪ جو وقت هئو ڳوالي کي ڳوٺ وچئو هئو .
کيئس ڪانيوتي ٻه ٽي ڀيڻون هئون . لن وقت هو ٻيڻن جي
سڀنيال جنهن کي ٿي آئي ته هيئانهن هو ٽانهن نهاري ٿي
ڪاٺهن کي ڪو سي ڏٺائون مگر ڀڳوان مهاويرکي ٻيڻن
جي سنڀال ڪرڻ لاءِ چئي ڳوالو هليو ويو . ڀڳوان مهاوير
ته ڌيان ۾ مگن هئو تهڪي ڇا ٻڌاڻ آئي ڪونه ٻيئي !
ڳوالي جي وڃڻ کان پوءِ ٻڍا ٻه ڳانهه چرڻ لاءِ آزاد ٿيا ۽
هو ٻاهر هليا انهن ڪو ڏٺانهن هليا ويا . ٿوري دير تي ڳوالي
ٿي آيو ته ٻئي سنڀالس ڪي ٻڍا نه هئا . پڇي ڪونه . هو ڀڳوان مهاوير
کي سڃاڻڻ ۾ انهن تيئي ڪالهه سڀ پڇيائين ته ٻيئي ڍڳا ڪيڏانهن
ويا . ڀڳوان مهاوير ته لن وقت ڌيان ۾ هئو . سو ڳوالي
جو جواب ڪيئن ڏئي . ڳالهه ڳوالي کي وڌيڪ بيوس ڪري
ڇڏيو ۽ هو سمجهيو ته ڀڳوان کي ڪجهه
ڄاڻ آهي پر ٻڌائي ٿو نه . نيٺ پريشان ٿيو ۽ ساري رات
هو ٻن ٻڍن جي ڳولا ڪئي ، پر ڪٿي به ڪين لڌائين . هو
موٽي ڀڳوان وٽ آيو ته ڏسي ته ٻئي ٻڍا هتي اچي ويٺا آهن ، ٻڍا
ساري رات جهنگل ۾ چري ڪري ٿڪجي واپس آيا هئا
ڳوالي ڪاوڙ ۾ ٻري ويو ۽ ڀڳوان مهاوير تي ٻان جو وار
هڻڻ لڳو . ڳوالي جا ٻئي ٻڍا ڪي ۽ واپس ڀڳوان کي ڏئي ڏيو

كيس نڪر جا ٻرتن ڏنا هئائين. چندن ٻالا اهي
ا ڏينهن ٻه شڪر ڪري پيئي گذاريا. هڪ دفع
ج مهاوير ورڌمان وٽس ديش جي اُن نگر ڪؤشمبي
ي لاءِ پهتو جتي چندن ٻالا غلامي جي جيون گهاري
هئي.

ميراج جي ان شهر ۾ پڌارڻ تي جڏهن چندن جو
ڪاڻي پيو. جنهن گهر ۾ هوءَ قيد هئي ان جي ٻاهران
ميراج مهاوير آهار پراپتي لاءِ اچي بيٺو. دگمبر
ڪي گهر جي دروازي تي ڏسي چندن خوش
هوءَ ڊوڙندي اچي پڀو جي چرنن ۾ ڪري
ءِ کين ڀوڄن ڪرڻ لاءِ وينتي ڪيائين ليڪن اهو
ونتي ته هوءَ پاڻ غلام هئي وٽس پڀو کي آهار
ڻ لاءِ ڏيڻ لاءِ هو ته ڪجهه به ڪين. وٽس هئا
يءَ جا ٻرتن ۽ ردي جانورن جهڙو کاڌو. ليڪن
وندي به هوءَ جذبات ۾ اچي وئي ۽ پڀوءَ کي
ڪرڻ لاءِ آگره ڪيائين ۽ کيس ڀوڄن ڪرايائين.
سپ کين ٿورو سا خبر کيس به نه پيئي. پڀو
ڀوڄن ڪرڻ ڪانپوءِ ٻن ۾ هليو ويو. هيڏانهن چندن
ا ٻندڻ به ٽٽي ويا اُٿي هلي ان چندن ٻالا مهاوير جي
ري ۾ ديڪشا ورتي ۽ هوءَ سپ ۾ گڏجي ڪري
وئي.

يو جي آهار گرهڻ ڪان پوءِ سڄي شهر ۾ چندن ٻالا

ڪنهن وڏي نگر ۾ پوڄڻ لاءِ ويندو هئو ۽ جي انهن
سنڪلپن مطابق ڪيس پوڄڻ ملندو هئو ته هوُ وڙائيندو
هئو نه ته ڪونه ڪائيندو هئو. ساڍو ٽيهہ ڪان پوءِ سڀ
ڪان پهريائين سندس پوڄڻ ڪلگرام شهر ۾ ٿيو. ڪلگرام
۾ هڪ "ٻاهول" نالي برهمڻ جي گهر ۾ گيهہ کنڊ
مان تيار ٿيل کيرڻي ڪيس ڀڪيا ۾ ملي. ڪن جين گرنٿن
۾ برهمڻ ٻاهول بجاءِ ڪول راجا طرفان کيرڻي ڏيڻ
جو ذڪر آهي.

هڪ دفعي مهيراج مهاوير کي سٺي چندن ٻالا ڪاڙو
ڪاڙهيو. سٺي چندن ٻالا راجا چيٽڪ (پڳوان مهاوير جي
ماميءَ) جي سڀ کان ننڍي ڌيءُ هئي. ڪنهن ڪامي
ودياڌر چندن ٻالا کي ڀڄايو هئو ليڪن پنهنجي زال
اچڻ تي هن کي ڀينڪر جهنگل ۾ وڃي ڇڏي آيو. جتي
هڪ ڀيل هن کي پاڻ سان گڏ وٺي ويو. ان ڀيل
ورشڀدت نالي هڪ سيٺ کي چندن ٻالا وڪرو ڪري
ڏني. ورشڀدت سيٺ جي زال جو نالو هيو سڀدرا.
سندس سڀاءُ ڏاڍو شڪي هوندو هئو. هن کي اچي
ڊپ ورتو ته متان ڪٿي سندس مڙس چندن ٻالا سان
نہ ٺهي وڃي جيتوڻيڪ چندن ٻالا سندس ڌيءُ جي
برابر هئي پر ان هوندي به هن ان شڪ سبب چندن
ٻالا سان پنهنجو وهنوار ڪٺور ڪري ڇڏيو. سڀدرا
چندن ٻالا کي ڪاڏو به ردي ڪارائيندي هئي ۽ ڪاڏي

اهو توهين پوءِ آهي ڪرڻو اوهانجو ته ٿيڻ سزا
ڀڳوان هليو، نه آچار جي اهو نٿا؟ چئو ٻالڪيو ٿويه
آچار نه هن انڪري هئو ۾ سماڌي وقت اُن ته ڀڙ
ڳالهيون اُهي هن وري ڏنو نه جواب ڪونه
ٿو سمجهايو ڪي ٻين تپسوئن ڪانپوءِ ڪلاڪ ڏهان ٻه ..ون
مره ۾ نپڙي جهڙ وري ڪاڙهه تپسوي ڪري تيا ..ڙ
پاڻ ٻڌجي سماڌيا منهنجي آءُ ڏي ڪري مره ۾ نپڙي جهو ڪو جو
سماڌ نيا منهنجو سياڌ ٿيندو نه ڪرڻ کان جور مون ڪم لهو .ن
ٻان نوچن ۾ ڪنڌهرن ۾ غفلتي هينئن جي هٿن ته ..
جيڪڏهن پنيان ڪيا ۽ جي جهونپڙي منهنجو جلندو ..
ٻين سماڌي منهنجي تو ڏنئي ڌاڪي جو من جو تپسوئن ..
واجب رهڻ هيٺ منهنجو اهو پوءِ ته ٿي پهچي سماڌيءَ ..
اجازت کان ڀڳوان آچار جي سمجهائي جي ڪين اهو ڏي ..
ٿيو آهي راهي ويٺو تي پيٺ جي سماڌ ڀڳوان مهاوير ..

..ٻيون پنج پرتگيائون

ڀڳوان مهاوير تپسيا ۾ سڌي پراپت ڪرڻ لاءِ پنج
..ڀلائون ڪيون جي هن رهيت آهن (١) جتي اپرت
.. آئي جيڏهن ته رهجي (٢) ڪوشش ڪري سدائين
.. مگن رهندس (٣) جيتري قدر ممڪن هوندو
.. وقت ڌارڻ ڪندس (٤) پوچن هٿن ۾ موني ڪندس
(٥) ڪڏهن به ڪنهن گرهستي جي خوشامد نه ڪندس.
..ا ڪال ۾ ڀڳوان مهاوير انهن پنجن ئي پرتگيائن گي

جي پاڻ جي ساراهه ٻڌڻ لڳي ...

تپسوي جي آشرم ۾

گهمندو ڦرندو ڀڳوان مهاوير موراڪ سنويش ۾ آيو
جتي ڏُوئيجنت تپسوين جو وڏو آشرم هو. آشرم جي
آچاريه مهاوير جو سواگت ڪيو ۽ کيس آشرم ۾ رهڻ
لاءِ ڪوٺي ڏني. ڀڳوان مهاوير سندن آگرهه قبول
ڪري هڪ ڏينهن سندن آشرم ۾ رهيو ۽ وري چؤماس
ڪرڻ لاءِ ان آشرم ۾ موٽي آيو. کيس هڪ جهونپڙي
ڏني وئي. مهاوير ان جهونپڙيءَ ۾ ئي ڌيان ۾ اچي ويو.
اتفاق سان انهن ڏينهن ۾ اچي ڏڪر پيو نه پاڻي لاءِ
نه گاهه. جانورن پنهنجي بک مٽائڻ لاءِ تپسوين جي
جهونپڙين جي گاهه کي به کائڻ شروع ڪيو. ڀڳوان مهاوير
ان وقت سمادي ۾ هو. هن کي نه جهونپڙيءَ نه ڇا پر
پنهنجي شرير جي به سڌ ڪونه هئي. جانور سندس
جهونپڙي کي کائڻ لڳا. اهو ڏسي ٻيا تپسوي چوڻ لڳا
ته هي عجيب ماڻهو آهي. اسين ڏنڊو کڻي پنهنجي
جهونپڙين جي رکيا ڪريون ٿا ۽ هي سڄي لاپرواهه
ٿي ڪونه ٿو ڪري. ٿوري وقت ۾ وارن جي جهونپڙي
۾ گهڙندو. انهن وڃي آچاريه کي شڪايت ڪئي.
آچاريه ڪجهه ناراض ٿي اٿي آيو ۽ اچي مهاوير کي
چيائين ته پکي به پنهنجي آکيري جو بچاءُ ڪندا آهن.
پر تون هي راجڪمار ٿي ايترو لاپرواهه ڇو آهين. ٻڌڻ

ر ڏوٽ ۾ نہ وڌو. نيٺ رات ٽي اھو ٻيڪر ڪش
چي حاضر ٿيو ۽ اچي گهمنڊ ڀرئي آواز ۾ مھاوير کي
ين تہ تون ڪير آھين جو ھمت اچي منھنجي گھر ۾
ڻ جي ھمت ڪئي اٿئي؟ ڇا توکي منھنجي ڪروڌ
اقت جو پتو نہ آھي؟

اُنوقت مھاوير تہ ڌيان ۾ لين ھئو ھن ڏنو جي ڳالھہ
ڌي ئي ڪونہ. ان ٽي ڪش يعني ڏنو کي ڀاڻ
ڪ غصو آيو ۽ ھن مھاوير کي ڀيڙا ڀڄائڻ شروع
ي ٻر ٻگوان اونچي پھاڙ جيان اَڏول رھي ڌيان ۾
رھيو. ڪش ان رات سڄي رات مھاوير کي
ليف ڏيندو رھيو رات اچي پوري ٿيڻ تي ھئي
ن جيڪي بہ زور مھاوير کي ڪشٽ ڏيڻ لاءِ لڳائڻا
سي ھن لڳائي پورا ڪيا پر جڏھن ڏٺائين تہ ڀڳوان
ر تي ڪو بہ اثر ڪونہ ٿيو تڏھن ھو سمجھي
تہ مھاوير رواجي انسان جيان نہ ھو ڪيس پنھ
جي پاڻ تي ارمان ٿيڻ لڳو ھو مھاوير جي چرنن
ڪري پيو ۽ ڪائنس معافي وٺندي چيائين تہ ھي
ر اوھين مونکي معاف ڪريو اوھين سچ پچ مھان
و جو منھنجي طرفان ھيترن تڪليفن ڏيڻ تي بہ
ين خاموش رھيا مون توھان کي ھاٿي ٻڌي چڪ
پيرن ھيٺان چيڀاٽڻ جاھيو، مون توھان کي راڪاس
ي تيز ننهن ۽ ڏندن سان اوھان جو خون پيئڻ

چڱيءَ ريت نڀاهيو. ليڪن ڪيول گيان (پورڻ گيان)
پراپتيءَ ڪاڻپوءِ لوڪ ڪلياڻ لاءِ ته کين اُپديش ته ڪرڻو
ئي هئو. اُن ڪاڻپوءِ ٻيا ساڌو جيڪي ڪجهه ڀکيا وٺي
۾ آڻيندا هئا اهو پوڄڻ سندن پاتر ۾ ڪندا هئا.

يڪش کي پشچاتاپ

ڏئي جنت تپسوي جي آشرم مان ٿي ڀڳوان مهاوير
استي گرام ڳوٺ ۾ پهتو. ڳوٺ جي ٻاهر هڪ
سنسان بغيچو هئو ۽ يڪش جو مندر هئو. ايڪانت
استان ڏسي ڀڳوان جي مرضي ٿي ته ان مندر ۾ ئي
رهي ڌيان لڳائجي. مهاوير جو اهو ارادو ڏسي گرام-
واسين کيس منع ڪئي ۽ کيس ٻڌايائون ته اتي هڪ
يڪش رودر نالي رهندو آهي جو وڏو ظالم آهي انسان
جي نالي ته چڙيو پر انسان جي بوءِ کان به کيس ٻڇان
آهي جي ڪو انسان رات جو اتفاق سان ان مندر ۾
۾ رهندو آهي ته ٻئي ڏينهن ٿي سندس لاش ئي
اتان ملندو آهي.

ڀڳوان مهاوير ته نڀئي هئو سو هن گرام واسين کي
چيو چنتا نه ڪريو ان يڪش سان ملاقات ڪبي ۽ مصيبتن
کي منهن ڏيو پر هتان ڀڄندا سين ڪو نه. شام جو ڪٿا
ڪيرتن ٿيو اُن ڪاڻپوءِ سڀ گرام-واسي واپس پنهنجي
گهرن ۾ هليا ويا. مندر جي پوڄاري به ڀڳوان کي چيو
توهين به رات وڃي ڳوٺ ۾ آرام ڪريو پر ڀڳوان

جي پيو ۽ هن ٻيو مهاوير جي گڏڻ جي واڪاڻ شروع
ئي. ان رات ڀڳوان مهاوير پاڻ ڪشت سهي انيڪ
ائين ڪري ان ڀينڪر راڪاس جي ظلمن کان
ڇوٽڪارو ڏيارو.

هاويرجا ڏهه سپنا

ان ڪانپوءِ مهاوير کي ٿوري دير لاءِ ننڊ آئي. ان
ننڊ ۾ هن ڏهه سپنا ڏٺائين جي هن رات هئا -

١- ننڊ ۾ ڏٺائين ته هو هڪ ڀينڪر تاڙ جيان ڊگهي
ڪاس کي ماري رهيو هئو.

٢- ڏٺائين ته سندس اڳيان هڪ اڇي ڪوئل
جود آهي.

٣- ڏٺائين ته سندس اڳيان رنگبرنگي ڪوئل
جود آهي.

٤- ڏٺائين ته سندس اڳيان ٻه رتن سان جڙيل
لهائون پيئون آهن.

٥- ڏٺائين ته اڇو گوڪل سندس اڳيان آهي.

٦- ڏٺائين ته هڪ ڪملن سان ڀريل تلاءُ سندس
يان آهي.

- ڏٺائين ته لهرن ڀريل ساگر پنهنجي هٿن سان پار
ڪري رهيو آهي.

٨- ڏٺائين ته سيتل ڪرڻن وارو سج سڄي دنيا
ي روشن ڪري رهيو آهي.

ٿي چاهيو پر توهانجي مک مان اُف به نه نڪتي مون اڄڪر ٻڌي توهان کي ڏنگي توهان جي جيون ليلا ٿي سماپت ٿي ڪرڻ چاهي ليڪن توهان جو ڌيان ڀنگ نه ٿيو انت ۾ مون ڏهون واري طاقت لڳائي توهانجي اکين کان نڪ مٿو ڏند تنهن ۽ پٺي ۾ ڀينڪر درد پيدا ڪيو اهڙي پيڙا پيدا ڪئي جنهن ۾ ساڌارڻ منش جو موت ٿي ويندو آهي پر اوهين اها پيڙا به برداشت ڪندا رهيا. اوهين هينئر مونکي معاف ڪريو.

ڀڳوان مهاوير، ٻڪش جنهنجو نالو شولپاڻي هيو، جا اهي پشچاتاپ جا اکر ٻڌي سندس ڌيان کليو هن شولپاڻي ٻڪش کي سمجهائيندي چيو ته، ڪجهه نه مون توکي معاف ڪيو. پوءِ ڪيس پرٻوڌ ڏيندي چيائين ته تون سدائين ڪروڌ ۽ گهرڻا جي وس ٿي انساني جيون سان راند ڪندو رهيو آهين. اهو ڀينڪر کيل تنهنجي من کي ڪڏهن به شانتي ڪونه ڏيندو ۽ تون ان ريت ڀوُت پريت ٻڻيو پيو ڀٽڪندو رهندين. ڪميا ۽ پريم سان تنهن جي من کي شانتي ملندي.

ڀڳوان مهاوير جي ان پرٻوڌن سان شولپاڻي جي اندر جون اکيون کلي پيئون. سندس من جو ٻيجو ختم ٿي ويو سندس ڪروڌ شانت ٿيو هنجي من ۾ ڀڳوان مهاوير لاءِ شرڌا ۽ ڀڳتي پيدا ٿي. جو ٿورو دير اڳي هڪ ڪٺور ڏئيت هئو اهو هينئر هڪ غريب ڀڳت

سي ۽ ڀڪش کي مهاوير جي پوڄا ڪندو ڏسي ٻڌي
جب ۾ پئجي ويا ٻئي ڀريو جي چرنن ۾ ڪري پيا.
وري ڏيهر ڪانپوءِ جڏهن ڀڳوان مهاوير جي رات جو سپنن
سڻ جي ڳالهه نڪتي تڏهن اُتپل ڀڳوان کي وينتي
ڪري پڇيو ته هي ڀريو اوهان جي ڏٺل سپنن جو ڦلپرڄ
ن رهت آهي اوهين ڪرپا ٻڌو.

(١) توهين انهن ڪرمن کي جن مان موهه پيدا ٿئي،
شٽ ڪندا.

(٢) توهين سدائين ڌيان ۾ لين رهندا.

(٣) اوهين سدائين سڀني قسمن جي گيان ڌارڻ لاءِ
رٽا ڏيندا.

(٤) اوهين مايا جي موهه جار کان پري رهندا.

(٥) چئن قسمن جا سنگهه توهانجي سيوا ۾ لڳل رهندا.

(٦) چئن قسمن جا ديوتائون پڻ اوهانجي سيوا ۾
لڳل رهندا.

(٧) سنسار ساگر کي اوهين پار ڪندا.

(٨) ڪيول گيان (سمپورڻ گيان) ۽ ڪيول درشن
سمپورڻ درشن) اوهين پراپت ڪندا.

(٩) اترتنر ۽ سرؤتر معنيٰ، هتي ۽ سڀني هنڌ توهان
ي ڪيرتي ڦهلجندي.

(١٠) سمو شرڻ ۾ سنگهاسن تي براجمان ٿي اوهين
رم جي استاپنا ڪندا.

٩- ڏٺائين تہ آءٌ پنهنجي انگہ پرتينگہ جي آهوڙي ڏئي رهيو آهيان.

١٠- ڏٺائين تہ آءٌ سمبرو پهاڙي تي چڙهي رهيو آهيان.

ٽوري ڏاڍ ۾ ڀڳوان مهاوير جي ننڊ ڪئي. ڀڳوان جي ساڌنا ڪال ۾ اهو پهريون ئي موقع هئو جڏهن کيس ٽوري ڏاڍ لاءِ ننڊ آئي هجي ۽ ننڊ ۾ سپنا ڏٺا هئائين. اها ڀڳوان مهاوير جي جيون ڪال جي آخرين ننڊ هئي.

هيڏانهن ڳوٺاڻن رات جو راڪاس شولپاڻي جون رڙيون ۽ ڀينڪر آواز ٻڌا هئا. انڪري هو سمجهي ويٺا هئا تہ مندر ۾ رهيل ساڌو وڃي ڀڳوان کي پيارو ٿيو. وري جڏهن صبوح جو مندر مان مڌر سنگيت جو آواز ٻڌائون تڏهن کين يقين ٿي ويو تہ شايد راڪاس مهاوير کي مارڻ جي خوشيءَ ۾ آنند مڻائي رهيو آهي.

اُتپل نالي هڪ سچو استڪ گرام ۾ رهندو هئو. پهريائين هو شرمڻ هئو ليڪن ڪن ڪارڻن سبب سندس شرمڻ پڻو پرشٽ ٿي ويو هئو. جڏهن هن ٻڌو تہ يڪش مندر ۾ ڀڳوان مهاوير اچي رهيو آهي تڏهن کيس بہ چنتا ٿي تہ متان رات جو ڪجهہ ڳڙ ٻڙ نہ هجي انڪري هو صبوح جو اندر شرما نالي پوڄاري کي ساڻ وٺي مندر ۾ ويو. مندر ۾ ڀڳوان مهاوير کي ڪشل

...چنڊ ڪوشڪ جو ڪلياڻ

ڏکڻ واچالا کان اُتر واچالا وڃڻ لاءِ ٻه رستا هئا هڪ
...ستو هئو کنکل آشرم وٽان ۽ ٻيو هئو ٻاهران جو
...ڏو رستو هئو. آشرم وارو رستو سنئو ٻه هئو ۽ ننڍو
... هئو پر هئو مصيبتن سان ڀريل. مهاراج مهاوير کي
...ڃيو ويو ته توهين ٻاهر واري رستي تان وڃو ڇو جو
...شرم واري رستي تي هڪ ڀينڪر زهريلو نانگ رهندو
...هي جو ڪنهن کي جيئرو نه ڇڏيندو آهي. ڀڳوان مهاوير
... اڳ ۾ ئي نرڀئه هئو سو هنکي نانگ جي ڏنگ ۽ زهر
...هو ڊپ ڇا جو؟ انڪري هو آشرم واري رستي تي
...ي روانو ٿيو.

اُن نانگ جو نالو چنڊ ڪوشڪ هئو مهاوير سنئو هاڻي
...انگ جي ٻر جي منهن تي پهتو. آدم ٻوءِ ايندي ئي
...انگ اُن جو شڪار ڪرڻ لاءِ ٻر کان ٻاهر نڪتو. مهاوير
...ي ٻر جي ٻاهر ڏسي ڪجهه جهڪيو ليڪن ٻئي گهڙي ۾
...اهر اچي هڪ ڀنڪر ڦونڪار هنيائين اُن سبب سڄي
...وايو منڊل ۾ دُور دُور تائين زهر ڦهلجي ويو اُن زهر
...سبب هوا ۾ جيڪي ڪيڙا ماڪوڙا جيو جنتو هئا سي
...سڀ اُمالڪ ئي مري ويا ليڪن ڀڳوان مهاوير اَڏول
...وستا ۾ ئي بيٺو رهيو. هڪ ڦونڪار بيڪار ويندي
...ڏسي چنڊ ڪوشڪ کي بيٺو ڪروڌ آيو ۽ هن پوري
...جوش سان مها شرمڻ ڀڳوان مهاوير جي پير تي ڏنگ

سپني جو قول ٻڌي ڀڳوان مهاوير چيو ته آءٌ ”سرؤ ورت ۽ ديش ورت ڌاري ٻن قسمن جي ڌرم جي سکيا ڏيندس.“

ڀڳوان جي ڳالهه ٻڌي اُپال آشيرواد وٺي واپس ٿيو پوءِ ڀڳوان چتر ماس ان مندر ۾ ڪيو ۽ چئن مهينن ۾ 15-15 ڏينهن جا اُٽ اُپواس ڪيائين.

موراڪ سنيويش ۾

چترماس پوري ٿيڻ کانپوءِ ڀڳوان مهاوير موراڪا سنيويش ڏانهن هليا. اُتي اَڇندڪ جاتي جو هڪ پنڊت جيوتشي رهندو هو جيڪو جيوتش ڪارڻ مان پنهنجي آجيوڪا هلائيندو هو. اُن وقت اَڇندڪ جاتي جو پرڀاءُ پڻ گهڻي رهيو هو اُن پنڊت ڀڳوان مهاوير جي سوڀيه موڙتي ۽ سندس پرڀاءُ ڏٺو هنڪي اهو لڳو ته جي مهاوير هت ڪجهه ڏينهن رهندو ته پوءِ سندس جاتي جا پنڊت ٻين کي موڙڪ ٻڻائي جا پيدا ڪندا آهن سا سندن بند ٿي ويندي ۽ هوُ سڀ بکه مري ويندا. انڪري اهو پنڊت ڀڳوان جي چرڻن ۾ ڪري پيو ۽ گيس وانتي ڪيائين ته هي پريُو اسانجي اُچن تي دَيا ڪريو. هن هنڌ نه رهي ڪنهن ٻئي هنڌ نواس ڪريو. دَيالو ڀڳوان ڪي هن تي دَيا اچي وئي ۽ هوُ موراڪ سنيويش ۾ گهڻو وقت نه رهيو.

ڪي رهيا آهين. اڳئين جنمن جي ڪرن ڪرڻ سبب
توکي ناڱ بڻجڻو پيو آهي ۽ جيڪڏهن تون هينئر
نه سنڀاليندين ته؟ ڀڳوان جي انهن اکرن چندڪوشڪ
ي من ۾ وچارن جي جوت جڳائي چنتن ڪندي
ندي کيس اڳئين جنمن جا ڪرم چل چتر وانگر سندس
ين آڏو ڦرڻ لڳا ۽ پشچاتاپ جي اگنيءَ ۾ پنهنجا پاپ
ڙائڻ لڳو پوءِ هن ٻي دفعه ڀڳوان مهاوير جي پرڪرما
ڪئي (چوڌاري ڦيرا ڏنا) شانتيءَ سان واپس پنهنجي
۾ ويو ۽ هميشه لاءِ ڪنهن کي به ڪشٽ نه ڏيڻ جي
ڪيا ڪيائين. اها ڳالهه سڄي ڳوٺ ۾ باهه وانگر ڦهلجي
ي سڀ گراميڻ اُتي اچي ڪٺا ٿيا. ڀڳوان مهاوير اُن
ت اُتان روانو ٿي چڪو هئو، هن ناڱ کي ٻر ڪان
اهر ڪڍيو سندس پوڄا ڪيائون گيهه کير ۽ سڳند
ندس بدن کي مکيائون. انڪري ڪيترين ڪوليون
ڪوڙا ۽ ٻيا جيو جنتو چندڪوشڪ جي بدن تي
ڙهي ويا ليڪن هينئر چندڪوشڪ بدلجي چڪو
و مهاوير جي سمپرڪ کيس ساڌو بڻائي ڇڏيو هئو.

ويتامبي ڏانهن روانگي

چندڪوشڪ کي سکيا ڏئي ڀڳوان مهاوير اُتر واچالا
ارو. هن ناگسين جي گهر رهي ١٥ ڏينهن اُپواس
کيو اُتان هو شويتامبي آيا. سمراٽ پرديشي سندس
ند ڀائي سواگت ڪيو اُتان هو سربيپور آيا. رستي ۾

هڻيو. هنکي پنهنجي ڏنگ تي پورو وشواس هئو ان ڪري هُو ٿورو ڪسڪيو هنکي ڀؤ لڳو تہ متان ڏنگ جي اثر سبب هُو بيهوش ٿي سندس مٿان نہ ڪري پوي.

پر عجب جو اسرار ٿيو ڀڳوان مهاوير تي ان ناڳہ جي ڏنگ ڪوبہ اثر نہ ڪيو. لال رت بجاءِ اُن هنڌان کير جيان اڇو رت نڪتو. ڀڳوان اڳي جيان مضبوط اَچنچل بيٺو رهيو. سندس مک ڪمل کلي رهيو هئو منجهائنس شانتي ٽپڪي رهي هئي اهڙي طرح بيٺو رهيو ڄڻڪ ڪجهہ ٿيو ئي ڪونہ هئو. اهو ڏسي ناڳہ راج کي حيراني وٺي وئي هن وري ٻيو دفعو ۽ ٽيون دفع زور زور سان ڏنگ هنيا ليڪن ڀڳوان مهاوير تہ پهاڙ جي چوٽي جيان اچل ۽ اَڏول بيٺو رهيو. چنڊ ڪؤشڪ گهٻرائجي ويو سندس ڀينڪر زهر اڄ پاڻي ٿي ويو هئو سندس من جي آستا ڦري وئي هن مهاوير ڏانهن ڏٺو ۽ محسوس ڪيائين تہ مهاوير جي نيترن مان ڪروڻا ۽ امرت برسي رهيو هئو جنهن مان سندس زهر جو اثر ختم ٿي رهيو هئو. هينئر تہ ناڳہ راج جي من ۾ سيتلتا جو سنچار ٿي رهيو هئو.

ڀڳوان مهاوير ناڳہ راج کي خاموش ڏسي پنهنجي ٻان کوليو ۽ کيس چيائين تہ اي ناڳہ راج چنڊ ڪؤشڪ شانتي رکہ. "اُوسم پرو چنڊ ڪوسيا" جاڳہ. اي چنڊ ڪؤشڪ ننڊرا جو تياڳ ڪر توُن اڳيان انڌڪار ۾ ڇو

ٻينءَ شايد ڪنهن آيندا ۾ اچــي اڪيلو ٻن ٻن ۾ ٻيو
ڪي انڪري مونکي هن جي سيوا ڪرڻ گهرجــي.
ڪرورتي سمراٽ ٿيڻ تي هوُ راضي ٿي مونکي ضرور
ڀال ڪندو. هوُ ٻيرن جي نيشان جي توه ڪٽندو ڀڳوان
مهاوير وٽ پهچي ڪيس ڀڳوان کي ڀڪشو جـي روپ ۾
ڏسي عجب لڳو. هوُ اهو نه سمجهي سگهيو تـه سمراٽ
جـا سڀ نيشان وٽس هوندي بـه آخر هي ڀڪشو ڇو
آهي؟ ڪيس جيوتش شاستر غلط لڳو هوُ پنهنجي جيوتش
شاستر کي گنگا ۾ وهائڻ جي تياري ۾ ئي هو ته ديوندر
گهٽ تي ڪيس چيو ته ”هي پشيه هـي ڪو ساڌارڻ
ڀڪشو ڪونـه آهـي هي ڌرم چڪرورتي آهـي هـي
چڪرورتي سمراٽ کان به وڌو آهي ديوتائون ۽ اندر
بـه سندس پوُڄا ڪندا آهن اهـو ٻڌي پشيه ٻڻ ڀڳوان
کي وندنا ڪري رمندو رهيو.

گوشالڪ سان ملاقات

راجگير نگري جي نالندا ڪيتر جي وڏڪر شالا (سمتي
۾ وڏڪار اڪر آهي وڏڪار معنيٰ جتي وڏن جـو جهڳٽو
هجي، وڏڪر شالا معنيٰ باغيچو) جتي اڄ ڪالهه نالندا
وشو وديالـيه آهي اُتي ڀڳوان مهاوير چترماس ڪرڻ لاءِ
رهيل هئو هوُ پنهنجي آتم چنتن ۾ مڱو هئو اُن وقت
هڪ تيجسوي ٻـوڪ وٽس آيو ۽ ڏنڊوت پرڻام ڪري
ڪين ونتي ڪيائين ته ”هي ڀڳوان آءٌ گوشالڪ آهيان،

سمرات پرديشي ڏانهن ويندڙ پنج نائڪ راجائن به
ڀڳوان جي وندنا ڪئي. سريپور وڃڻ لاءِ گنگا نديءَ
کي پار ڪرڻو پوندو آهي ڀڳوان مهاوير نديءَ پار ڪرڻ
لاءِ سدت نالي هڪ ناوڪ جي ٻيڙي ۾ وڃي ويٺو.
ٻيڙي جيئن ئي هلڻ شروع ڪيو تيئن سڀئي پاسي کان
اُلوءَ پکي جون ڪوڪون ٻڌڻ ۾ آيون اُتي ويٺل هڪ
سمجهدار ماڻهوءَ چيو ته زبردست اَپشڪن ٿيو آهي
ليڪن هن مهاپرش جي ڪرپا سان سڀ بچي وينداسين
اڳيان وڌي اها ٻيڙي ڀنور (ڪن) ۾ ڦاسي پيئي. چيو
وڃي ٿو ته جڏهن ڀڳوان واسديو جي جنم ۾ جنهن
شينهن کي ماريو هئو اُن شينهن جو جيءُ "سدشتر"
نالي ديو ٿيو هئو ۽ اڳين جنم جو وير ياد ڪري هن
گنگا ۾ طوفان کڙو ڪيو هئو. سڀ ياتري ڊپ ۾ ڏجڻ
لڳا پر ڀڳوان مهاوير کي ڪو به ڊپ ڊاءُ ڪونه هئو انت
۾ مهاوير جي تپ جي پڄ سبب ٻيڙي ڪناري سان
لڳي. ڪمبل ۽ سمبل نالي ٻن ناگ ڪمارن همت ڪري
ان آپدا کي ٽاري ڇڏيو.

چڪر ورتي

ٻيڙي مان لهي ڀڳوان مهاوير گنگا جي ڪناري تي
وسيل ٿوڻا ڪسنويش جي ٻاهران ڌيان مدرا ۾ بيهي
رهيو. ڀڳوان جي پيرن جي نيشانن کي ڏسي پشيه نالي
هڪ سپاهي جي من ۾ ويچار پيدا ٿيو ته هي پيرن جا
نيشان ته ضرور ڪنهن چڪرورتي راجا جا آهن جيڪو

ان توهين لاءِ ئي مونکي ڇڏي ڏنو ليڪن مان
ان کي ڪونه ڇڏيندس توهين ڪرپا ڪري مونکي
نجو سيوڪ ڪري قبول ڪريو. گوشال گرو جو
و شش ٿي ويو ۽ سدائين هن جي پنيان پنيان رهڻ
و هن دفع گوشال کي رستي ۾ بک لڳي ڏنائين ته
ڳل ۾ هڪ گوالو کيرٽي تيار ڪري رهيو هئو سو
ۇ کي ونتي ڪيائين ته مونکي آگيا ڏنو ته آءٌ
ٽي وٺي کائوان. ان تي ڀڳوان کيس چيو ته اها
ٽي تيار ئي ڪونه ٿيندي، هنڌي ڀڄي پوندي.
شال اهي اکر زور سان دهرايا جيئن گوالو ٻڌي.
لي اهي اکر ٻڌا ۽ وڌيڪ خبرداري ڪيائين ته جئن
ڌي نه ڀڄي پر جيڪا ڳالهه ٿيڻي هئي سا ٿي هنڌي
ي وئي چاڪاڻ ته هنڌي ۾ چانور وڌيڪ وڌا ويا
ۇرن جي قنڊڻ تي هنڌي ڀڄي پيئي. ان گهٽنا
گوشال سبق سکيو ته جيڪا هوڻهار آهي سا ضرور
ندي.

هڪ دفع گهمندي ڀڳوان مهاوير هڪ
ت ۾ پهتو اهو ڳوٺ راجيه جي سيما تي هئو. ان
جيه جي سيما تي خطرو هئڻ ڪري زبردست پهري
انتظام هئو. ڀڳوان مهاوير ۽ سندس شش ٻئي هڪ
هينان ڌيان ۾ ويٺا هئا ٻنهي کي مؤن ورت وڪيل
و. ٿوري دير ڪانپوءِ ڪوٽوال گهمندو ڦرندو ان هنڌ

اڄ اوهانجو شش ٿيڻ لاءِ آيو آهيان توهانجو ڏوهه رُوپ
مهان تيج ۽ پرڀاءُ ڏسي آءٌ اوهان کان پرڀاوت ٿي
سنياس جي ديڪشا وٺڻ لاءِ آيو آهيان توهين مون تي
ڪرپا ڪري مونکي پنهنجو شش ڪري قبوُل ڪيو.
ڀڳوان جي ڪنن تي ان ٻوڪ جا اکر پيا ليڪن هن
ڪو به جواب ڪونه ڏنو. گوشال نراش ڪونه ٿيو
سوچيائين اڄ نه ته سڀاڻي ڀڳوان راضي ٿي مونکي
پنهنجو شش ڪري قبول ڪندو. مهاپرش جي ڪرپا
ڪا جلد ۾ ڪونه ملندي آهي. هن ڀڳوان جي پٺ نه
ڇڏي هن سان گڏ ٿي رهڻ لڳو. هڪ ڏينهن هن ڀڳوان
کان پڇيو ته مونکي اڄ ڀڪيا ۾ ڇا ملندو ان تي ڀڳوان
کيس چيو ته اڄ توکي پاروٿا جانور کٿو ڏڌ ۽ کوٽو
روپيو ملندو. هن ڀڳوان جي انهن وچنن کي غلط ثابت
ڪرڻ لاءِ سيٺ شاهوڪارن جي گهرن جا ڌڪا کاڌا
ليڪن ڪٿان کيس ٻيو ڪجهه نه مليو سواءِ اُنهي جيڪي
ڀڳوان کيس ٻڌايو هو. گوشال کي ڀڳوان جي شڪتي
تي پڪو وشواس ٿي ويو ۽ هنجي سيوا ۾ ٿي رهڻ
جو ارادو ڪيائين. هڪ ڏينهن جيئن هوُ ڀڪيا وٺي
موٽيو ته ڏٺائين ته ڀڳوان ڪونه هئو. گوشال ڀڳوان جي
تلاش ۾ روانو ٿيو ۽ هلندي هلندي ڪولاڳ سنيويش
۾ وڃي پهتو ۽ آخر پنهنجي گرو کي ڳولهي وڃي لڌائين
ڀڳوان جي چرنن تي سر رکي کين ونتي ڪيائين ته

س ويجهو آئي تہ سنڌس شرير کي سنگهڻ لڳي
ڪن هي مهاڀوڳي پنهنجي تپ تي اٽل رهيو. ڌيان
ي تيڻ ڪانپوءِ ئي اُٿيو ۽ آرام سان اُتان روانو ٿي
باھ بہ سنڌس ڪجهہ بہ نہ بگاڙي سگهي.

هڪ دفعو ويتراڳي سنت منيراج وردمان گهمندو
ندو اُڄيني ۾ پهتو اُتي هوُ اُتي مڪت نالي شمشان
پرتما يوگہ ڌارڻ ڪري ڌيان ۾ اچي ويو. پاپ ڪلا
هوشيار استاڻو رُدر اُتي اچي مٿائنس اتياچار ڪيا.
يا جي بل سان هن انيڪ خطرناڪ روپ ڌارڻ ڪيا
ڪن ڀڳوان مهاوير کي ڌيان مان نہ هٽائي سگهيو، هن
نخوار جانورن ڀيلن راڪشسن جا انيڪ روپ ڌاري
ر مچايو ليڪن مهاوير جي ساڌنا مٿان ڪو بہ اثر
يو.

ر، مهاڀدرا ۽ سروتوڀدرا جون مورتيون

چوراڪ سنيوش مان تي ڀڳوان واڻجيہ گرام آيو
ي ۾ گنڊڪي ندي ٻوي تي اها پار ڪرڻ لاءِ
ڙ ٻيڙي تي چڙهيو. ٻئي ڪناري تي پهچي جڏهن
ي واري مهاوير کان ڪرايو گهريو تہ اُن وقت مهاوير
هئو ان تي ٻيڙي وارو ڪروڌ ۾ اچي ويو ۽ هن
ايو نہ ڏيڻ ڪري مهاوير کي زبردستي گرم واري
ڪڙو ڪيو. اتفاق سان اُن وقت شنکہ راجا جي
جو پٽ چتر اُتي اچي پهتو ۽ هن اُن ٻيڙي واري

ٿي آيو جنهني هي ٻئي ڀڪشوُ وٺا هئا. ڪوتوال ڪائنس ڪجهه سوال پڇيا پر مؤن ڌارڻ هئڻ ڪري هنن ڪو ٻه جواب ڪو نه ڏنو. انڪري ڪوتوال کين دشمنن جو جاسوُس سمجهي کين رسا ٻڌي کوه ۾ اُنڌو لٽڪائڻ جو حڪم ڏنو. حڪم جي جلد پوئواري ڪئي ويئي ٻنهي کي نوڙيون ٻڌي کوه ۾ اُنڌو لٽڪايو ويو. اتفاق سان اُن وقت سوما ۽ جينتي نالي ٻه ڀڪشڻيوُن اچي اُتان لنگهيون ۽ هنن ڀڳوان مهاوير کي سڃاڻي ورتو ۽ ڪوتوال کي ٻڌايون ته هي ٻئي جاسوُس ڪو نه آهن هي ته خود شرمڻ ڀڳوان مهاوير آهي. ڪوتوال کي جڏهن اها خبر پيئي تڏهن هن ٻنهي کي هڪدم کوه مان ٻاهر ڪڍي ٻنڌن مڪت ڪيو ڪوتوال پنهنجي ڪرتي پشيمان ٿيو ۽ ڀڳوان مهاوير جي پيرن ٿي ڪري پيو ۽ کائنس معافي وٺڻ لڳو.

هڪ دفع ڀڳوان شراوستي کان ٿورو پري هڪ وڻ جي هيٺان ڌيان ۾ ويٺو هئو اُتي پيا ٻه کيترائي ماڻهو ٽرسيل هئا. هوُ صبح جو اُتي اُتان ڍوانو ٿي ويو. هوُ جهنگل ۾ ڌيان ۾ مگن هئو ته اُن وقت جهنگل ۾ ڳاه کي اچي باه لڳي جڏهن اها باه ڀڳوان جي نزديڪ اچڻ لڳي تڏهن گوشال وڏ ڪري چيو ته ”باه ٻاه اُٿو ڀڄو جلدي ڀڄو ۽ هوُ پاڻ ڌيان ڇڏي باه کان بچڻ لاءِ اُتي ڀڳو ليڪن ڀڳوان مهاوير ته ڌيان ۾ ويٺو ئي رهيو. باه

ءِ ورت ڪرڻ لاءِ ڀڳوان ڀڪيا واسطي نڪتو ۽ آنند
پهتو اُن وقت سندس نوڪرياڻي ٻهلا ٻچيل ٻانسي
و اڇلائڻ لاءِ ٻاهر ٿي آئي ته دروازي تي ڀڳوان
بيٺل ڏٺائين. هن معني ڀري نظرن سان ڀڳوان جي
ف ڏٺو ته ڀڳوان هڪدم ٻئي هٿ ڀکيا لاءِ وڌايا.
ي ان ٿي اهو ٻانسي ۽ ٻچيل کاڌو کڻي ڀڳوان کي
جنهن کي وٺي ڀڳوان پنهنجو ورت کوليو.

ريه ديش ۾

ڀڳوان مهاوير ۽ گوشال گهمندا ڦرندا اناريه ديش ۾
ي پهتا اُتي جا ماڻهو ڪي پٿر دل هئا ڪئي جانورن
مانس پيو هئو ته ڪئي مئل جانور لٽڪي رهيا هئا.
ي طرف وحشانيت ئي وحشانيت ڦهليل هئي ماڻهن
دل ۾ نفرت، بيائي ۽ هنسا جو ئي راڄ هئو.
ٻئي گرو ۽ شش (ڀڳوان مهاوير ۽ گوشال) ڏاڍي
ي سان اهڙي وحشي ملڪ ۾ به گهمي رهيا هئا.
ن جي مک مقابل لئي اهائي شانتي ۽ پرسنتا نظر
ي رهي هئي. هو ٻئي ڌيرج سان اڳيان وڌي رهيا
هڪ ڳوٺ ۾ داخل ٿيندي ئي ڪتن ڀونڪڻ شروع
و. ماڻهن بيٺي تماشو ڏٺو پر ڪنهن به ڪتن کي
ڻ جي ڪوشش نه ڪئي نه فقط ايترو انهن مان
ي تماشو ڏسي رهيا هئا ته ڪي وري ڪتن کي
ءِ پاڻ لاءِ ڀڙڪائي رهيا هئا. ڪتن هڪدم ڀڳوان

جي ظلم کان اڇي مهاوير کي مڪت ڪرايو.

اُتان ٿي ڀڳوان واڻجيه گرام پهتو اُتي هڪ آنند نالي شرمڻ ڀڪشوءَ کي گيان پراپت ٿيو هئو ھوءَ مهاوير وٽ آيو ۽ کيس نمسڪار ڪري چيائين ته توهان کي جلد ئي ڪيول گيان (سمپورڻ گيان) حاصل ٿيڻ وارو آهي. ڀڳوان واڻجيه گرام مان ٿي شراوستي پڌاريو جتي هن انيڪ طرح تپ، يوگ ۽ ساڌنا ڪري ڏهون چئر ماس پورو ڪيو. چئر ماس پورو ڪري ڀڳوان ”سانولٺيه“ نالي سنوش ۾ پهتو جتي هن ڀدرا مهاڀدرا ۽ سروڀدرا پرتما نالي تپشچريا جي آرادنا ڪئي. انهن پرتمائن (مورتين) جي آرادنا ڪندي پهرئين ڏينهن اوڀر طرف منهن ڪري پاڻکي ارپڻ ڪندو آهي ٻئي ڏينهن اولهه طرف منهن ڪري پاڻکي ارپڻ ڪندو آهي ۽ رات جو اُتر ڏانهن منهن ڪري پاڻکي ارپڻ ڪندو آهي. ڀڳوان مهاوير ڀدرا پرتيما ڪانپوءِ مها ڀدرا پرتيما شروع ڪئي ۽ چئني دشائن ۾ رات ڏينهن پاڻکي سمرپڻ ڪيائين. ڀڳوان چار راتيون ڏينهن هڪ ڪري آرادنا ڪئي. اُن ڪانپوءِ سروتو ڀدرا پرتيما جي آرادنا شروع ڪيائين جا ١٠ ڏينهن هلي ان پرتيما ۾ ڏهن دشائن ۾ واري واري ان رات ڏينهن سمرپڻ ڪيو ويندو آهي. ان ريت ڀڳوان ١٦ ڏينهن رات لاڳيتو ڌيان ۾ رهيو اُپواس ڪيائين ۽ ڪٺور تپ ڪري آرادنا ڪيائين. ان تپ

ي مونکي ماڻي رهيا آهن انسان ته صرف ڪشڻ
هڪ ڀلو آهي منجهن مڙو ڪيتا پرلل آهي انڪري
مونکي تڪليفون ڏيئي خوش ٿي رهيا آهن پر آ
ڙو ڪ ڪونه آهيان انڪري سڀ سمجهندي ۽ سم
سان اهي سهي انهن ڪرمن کي نشٽ ٿو ڪريان.
ي وقت ڀڳوان مهاوير انهن جهنگلين جي اناڙيـ
س ۾ ٦ مهنا تڪليفون ڏنيون. اها به ڀڳوان مهاوير
هڪ ساڌنا هئي.

جو ليشيا ۽ شيتل ليشيا

هڪ دفع ڀڳوان مهاوير ۽ سندس شش گوشال
سندا ڦرندا اچي رهيا هئا گرمي جي موسم هئي.
ڏٺو ته وستي ۾ هڪ تپسوي سوُرج جي ڪرڻن
اسنان ڪري رهيو هئو سندس جٽائون وڌيون
ن جن ۾ ڏيونت جوئون پيدا هيون جيڪي سج جي
ي جي تپش سبب جٽائن مان ڪري رهيون هيون
اهو تپسوي ڪرندڙ جوئن کي وري پنهنجي وارن
وجهي رهيو. گوشال اهو تماشو ڏٺو ليڪن کانئس
هيو نه ويو هو تپسوي جي ويجهو ويو ۽ کيس وڃي
ئين نه تون تپسوي آهين يا جوئن گهر. سندس بس
و چوڻ هئو تپسوي هڪدم غصي ۾ لال ٿي ويو
سندس اکين مان آگ برسڻ لڳي اهڙي آگ جا
شال کي ڪن ۾ جلائي ڀسم ڪرڻ واري هئي. گوشا

مهاويرَ تي اُلر ڪئي ليڪن پيا مهاوير کو ڪتن کي
ڇڏڻ وارو هئو ڇا؟ هو پنهنجي پٿ تي پختگي سان
هلندو رهيو. گوشال کين چيو تہ اهڙن ڪتن کان بچڻ
لاء هڪ لٺ پاڻ وٽ رکڻ کپي. مهاوير شانت ڀاؤ سان
جواب ڏنو تہ ساڌنا دشمن کي سزا ڏيڻ کونہ ٿي
سيکاري. ساڌنا تہ دوست ۽ دشمن ٻنهي سان پيار ڪرڻ
ٿي سيکاري سڀني کي معاف ڪرڻ ٿي سيکاري هٿيار
م تہ هنسا جي ڀاونا آهي ڇاڪاڻ تہ اهو هٿيار رواجي
لڪڙي هجي يا تلوار هجي يا ڪنوار اگر ڇو نہ هجن
مون تہ اهنسا جي پرتگيا ڪئي آهي آءُ ساڌنا جي پٿ
تي هلي رهيو آهيان انڪري ڪهڙيون بہ حالتون
پيدا ڇو نہ ٿين پر آءُ ڪڏهن بہ هٿيار ڪـي هٿ ڪين
لائيندس.

ان اتارُ دلاش ۾ ڀڳوان کـي گهڻيئي ڪشٽ ڏنا
هيا. ڀڳوان جي ساڌنا کان اڻ واقف ماڻهن کيس گاريون
ڏنيون ڪٿي تہ مٿانس پٿر بہ اُڇلايا ويا ڪٿي کين
لڪڙين سان بہ ماريو ويو ڪٿي کين ڪوئلين چڪ پاتا
تہ ڪٿي وري مڇرن سندن خون پيتو پر واه ري
مهاوير، مهاوير تہ مهاوير ئي هئو هو تڪليفن کان ڊنو
ڪونہ. پوري ڌيرج سان اهي تڪليفون سهندو رهيو.
هن گوشال کي سمجهايو تہ اهي ڪشٽ ڪي ٻاهران
ڪونہ ٿا اچن پر منهنجي ڪيل ڪرمن جي ڦل روپ

ان تي گوشال وري پڇيو ته گرو ديو اهو ڪهڙو
ڪارڻ آهي ته جيڪا شڪتي اُن تپسوي وٽ آهي
ها اسان وٽ ڇو نه آهي؟

ان تي ڀڳوان مهاوير ڪيس پرٻوڌ ڏيندي چيو ته
ي وٽس تون اها شڪتي نه پرساڌنا جي سيتلتا هٿ
ڪرجائي ڪلياڻڪاري ۽ سچي شڪتي آهي. ان
سوي واري شڪتي پراپت ڪرڻ ۾ دير نه لڳندي
ان ۾ ڪلياڻ نه آهي موڪش نه آهي.

ت ڀرشٽ گوشال

ڀڳوان مهاوير جي سمجهائڻ ڪانپوءِ به گوشال جي من
تيجو ليشا جو پرڀاءُ ڪونه گهٽيو هن آخر ڀڳوان کي
ڻتي ڪئي ته ڪيس اها شڪتي حاصل ڪرڻ جي
ڏي سمجهائي وڃي. نيٺ ڪرپالو ڀڳوان ڪيس اها
ڏي سمجهائي. ان ڪانپوءِ مهاوير شراوستي پهتو ۽ اُتان
اڳيان نڪري ويو ليڪن گوشال اُتئي رهجي پيو ۽
ن ٦ مهنن تائين وڌي مطابق تپ ڪري تيجو ليشا
ڪتي حاصل ڪئي. هن ان شڪتي جو ڀرپور پريوگ
ڪ داسي تي ڪيو. اها داسي هڪ کوه تي پاڻي
ري رهي هئي گوشال سندس مٽڪي کي هڪ ڪنڪر
ٽي ڦوڙي ڇڏيو اهو ڏسي اُن داسي گوشال کي
ار ڏيون ڏيڻ شروع ڪيون. ان تي گوشال کي غصو آيو
هن تيجوليشا شڪتي جو استعمال ڪيو

اڳتي کي پاڻ ڏانهن ايندو ڏسي هڪدم وڙ ڪٽي،
سندس وڙ لئي ڀڳوان مهاوير جو هن ڏانهن ڌيان ويو؛
هن پنهنجي شش جا پراڻ بچائڻ لاءِ پنهنجي اکين مان
سيتلتا جي لهر هلائي جنهن ڪارڻ اها اڳتي ٿڌي ٿي
وئي. گوشالڪ کي ڌيرج آيو؛ هن هڪ عجيب اسرار
ڏٺو. هن ڏٺو ته هڪ طرف تپسويءَ جي اکين مان باهه
جون لپٽون نڪري رهيون هيون ته ٻئي طرف مهاوير
جي نيترن مان ٺنڊڪ جون لهرون ٿي هليون. انهيءَ
ڀڳوان مهاوير پنهنجي شش جي پراڻن جي رکيا ڪئي.
هوڏانهن تپسويءَ جو گهمنڊ ٻه ٽٽي چڪو هو. هو به
سمجهي ويو ته هي ڪو ساڌارڻ پرش ڪونهي. هو پاڻ
خود شروع ڀڳوان مهاوير هو. هن جي ساڌنا سڦل ٿي.

موٽ جي منهن مان ٻڌي گوشالڪ گروءَ جي پيرن
تي ڪري پيو؛ هن گرو کان جگياسا ورتي سان پڇيو
ته هي گرديو ان تپسويءَ ۾ ڪهڙي شڪتي هئي جنهن
جي زور تي سندس اکين مان اڳ ٿي نڪتي.

مهاوير کيس جواب ڏنو ته ان کي تيجو ليشا شڪتي
چئبو آهي.

ان تي گوشالڪ ڪائنس وري پڇيو ته ڀلا اوهان
ڪهڙي شڪتي ڪم آڻي ان اڳ کي ٿڌو ڪيو.

ان تي ڀڳوان مهاوير جواب ڏنو ته انجو نالو شيتل
ليشا آهي.

ڪئي. اندر جي ساراه ڪي ٻڌي ٻيا سڀ ديو ديوتائون
ه خوش ٿيا ليڪن هڪ سنگم نالي ديوتا راضي
ٿيو هن من ۾ ڀڳوان مهاوير جي پرکيا وٺڻ جو
ويچار ڪيو. هن اندر سڀا ۾ اهو چئلينج ڪيو تہ آءٌ
هاوير جو ڌيان ڀنگ ڪندس. هو اُتان ئي سڌو اُتي
يو جتي ڀڳوان مهاوير ڌيان مگن ويٺو هئو. هن اچڻ
ان ئي ڀڳوان کي تڪليفون ڏيڻ شروع ڪيون. ڀڳوان
جي بدن جي ذري ذري ۾ تڪليف ٿيڻ شروع ٿي
ليڪن انجو اثر ڀڳوان جي ڌيان ساڌنا تي ڪونہ پيو.
هو پنهنجي ڌيان ۾ لين رهيو. تڏهن هن پينترو بدليو
هن لوڀ لالچ ۽ وشيہ واسنا جا موهڪ درشيہ اُپسٿت
ڪيا گگن مان اپسرائون آيون نيڻن جا تير ماري نفسي
ضا ٻڌائي چڙهايون ليڪن مهاوير تي انجو اثر نہ پيو.
هو پهاڙ جيان پنهنجي ڌيان تي اٽل رهيو. سنگم ديو
هڪ ئي رات ٢٠ مصيبتون پيدا ڪيون :-

(١) پرلئہ ڪال وانگر هن مٽي ۽ پٿرن جو طوفان
شروع ڪيو انهيءَ طوفان ڀڳوان مهاوير جي ڪن، اکين
نڪ ۽ بدن جي ٻين حصن تي وار ڪري سن ڪري
ڇڏيو.

(٢) هن پهاڙي وڏيون وڏيون جوئرن جيڏيون
ڪوليون پيدا ڪيون جن مهاوير جي بدن جو خون پي
جيس کوکلو بڻائي ڇڏيو.

ٻرسائي ان داسي کي اُنهجو اُنسي جاڻسي پسر ڏنو. پنهنجي شڪتي جي سڦلتا ڏسي گوشال من ئي من ۾ خوش ٿيو. هو دنياداري ۾ چتر هئو هن کي اها ڄاڻ هئي ته دنيا جهڪي ٿي هئه جهڪائڻ واري چاهئي. هن ٦ ساڌن کان جوتش وديا سکي. ان کانپوءِ هو ماڻهن کي ڀوت ۽ ڀوشيه سڀ ٻڌائڻ لڳو ٿوري ئي وقت ۾ هن جو چؤطرف نالو ٿي ويو. ان ۾ هو ڀڳوان کي پڄي ويو. سنڌي ۾ چوڻي آهي ته هرڻي اڳيئي ڪڏڻي ويتر جو ٻڌائونس گهنڊڻي ته ٿي پيئي لڏڻ. گوشال کي هڪ ته تيجوليشا شڪتي ملي ويئي هيو ته هو جيوتشي ٿي پيو ۽ ويتر جو سندس ناماچار چؤڌاري ڦهلجي ويو ته هو ان تي ڦونڊجي پيو. هن اُپديش ڏيڻ شروع ڪيا. ماڻهو وڏي تعداد ۾ سندس اُپديش ٻڌڻ لاءِ اچڻ لڳا. هو هڪ ساڌارڻ ڀڪشو مان آچاريه بڻجي پيو ۽ هن پنهنجي سوتنتر سمپرداءِ جي استاپنا ڪئي. ٿوري وقت کانپوءِ هن پاڻ کي "آجيوڪ مت" جو پيروون ٿير تنڪر ظاهر ڪيو هو جيوتشين جو سنستاپڪ ۽ پرٻل پرچارڪ بڻجي پيو.

سنگم ديو جا ظلم

هڪ دفع اندر سڀا لڳي رهي هئي اُن وقت ڀڳوان مهاوير ڌيان مگن هئو ديوتا تيترن سان اندر ڀڳوان مهاوير جي تپ ساڌنا ڏسي اندر سڀا ۾ سندس خوب ساراه

(١٠) هن هاٿين وانگيان هاٿيون ٻه پيدا ڪيون جن
مهاوير کي پنهنجي پيرن هيٺان چيڀاٽيو.
(١١) هن ڀيانڪ ڀشاچ ٻطارا جي ڪن ڦاڙيندڙ چيڪون
ڪري رهيا هئا ۽ هنن جي هٿن ۾ تکيون ٻرڇيون هيون
ن سان هنن مهاوير تي حملو ڪيو.
(١٢) هن وڪرال شينهن پيدا ڪيا جن وجهه سمان
ندن ۽ ترشول سمان ننهن سان مهاوير جي شرير کي
يري ڦاڙي ڇڏيو.
(١٣) هن راجا سدارٿ ۽ راڻي ترشلا جو روپ ٻڌايو
ي زارون زار روئي چئي رهيا هئا ته هي مهاوير تون
سانکي ٻڍاپي ۾ ڇڏي ڇو هليو وئين ٻيسهارو ڇو ڪري
ئين.
(١٤) هن ڀڳوان مهاوير جي ٻنهي پيرن جي وچ ۾ باهه
ري ٻنهي پيرن تي ٻرتن رکيائين ليڪن اگني جي
پش ٻه مهاوير کي وچلت نه ڪري سگهي.
(١٥) هن مهاوير جي شرير مٿان پکين جا پنڃرا
ڪائي ڇڏيا انهن پکين پنهنجي ننهن ۽ چنبن سان
هاوير کي ٽڪر ٽڪر ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي.
(١٦) هن آنڌي جو ڀيانڪر روپ پيدا ڪيو وڻ
ڙن ڪان پٽجڻ لڳا مڪان جون ڇتيون اڏامڻ لڳيون
هاوير کي ڪيترا دفع آنڌي مٿي تي کڻي ويئي ۽
ري ڪيرائي تي ڇڏيائين.

(٣) هن مڇرن جا جهنڊ پيدا ڪري مصرين مٿان چاڙهيا
جن ۾ سندس شرير جو خون پيتو.

(٤) هن تيز ڏنگي منهن واري اُڏهي جو ڪيڙو
پيدا ڪيو. اها اُڏهي مصرين جي شرير کي چنبڙي
اُن کي ڏنگڻ لڳي. اهڙو ڀيانڪر درشيہ هئو جنهن کي
ڏسندي لڳہ ڪانڀارجيو وڃن.

(٥) هن زهريلن وڇن جي سينا تيار ڪئي جن هڪ
ئي وقت ڀڳوان مصرين تي حملو ڪيو ۽ هنن کي ڏکا ڏنگ
هڻڻ لڳا.

(٦) هن ڏورن کي به مصرين مٿان چاڙهيو جن ڀيانڪر
آواز ڪري مصرين مٿان حملو ڪيو ۽ سندس ماس
چٽڻ لڳا.

(٧) هن ڏانگن کي چاڙهيو جن جا ڏند ڏکا هئا. هو
وري وري مصرين جي بدن کي ڏنگڻ لڳا.

(٨) هن وڏا ڀيانڪر ڪوئا پيدا ڪيا جي پنهنجي
ڏکن ڏندن سان مصرين کي ڪاٽڻ لڳا ۽ هن مٿان ئي
ڪاڪوس پيشاب ڪرڻ لڳا. زخمن مٿان ڪوئن جو
مت چٽڻ لوڻ جو ڪم ڪري رهيو هئو.

(٩) هن ڏگهي سونڊ وارا هاٿي پيدا ڪيا جن مصرين
کي ڪٽي ڪينهون وانگيان آڪاش ۾ ٿي اُڇلايو ۽
آڪاش مان ڪرڻ تي پيرن هيٺان ٿي چيڀاٽيو ۽ هن
جي ڇاتي تي ڏکا ڏند ٿي هڻيائون.

هڪ ڏفع جي ڳالهہ آهي تہ ڀڳوان مهاوير ٽوسلگان ۾
۾ هڪ بغيچي ۾ ٽڪيان لڳائي ويٺو هئو اُن وقت سنگم
ٺ لاءِ هو پڻ هڪ جين ڀڪشوءَ جي ڀيس ٺاهي اُن ڳوٺ ۾
آيو ۽ اچي هڪ مڪان کي ڪاٺ هڻڻ لڳو انهن ڪندي
هوُ پڪڙجي پيو ۽ جڏهن ماڻهو کيس مارڻ لڳا تڏهن
هن کين چيو تہ توهين مونکي ڇو ٿا ماريو مون تہ اهو
ڪاٺ گرو جي آگيا پالن ڪندي ڏٺي هئو منهنجو گرو
تہ باغيچي ۾ براجمان آهي. اهو ٻڌي اُهي گراميڻ
ٽيون ڪٺي اُن وقت ئي سنگم سوڌو اُن بغيچي ۾ آيا
۽ مهاوير کي رسين ۾ جڪڙي ڳوٺ ۾ وٺي آيا. ڳوٺ
۾ هڪ سياڻي ماڻهو مهاوير کي سڃاڻي ورتو ۽ هن
ڳوناڻن کي سمجهايو تہ توهان ڪنهن کي پڪڙي آيا
آهيو؟ ان تي انهن ڳوناڻن ڀڳوان کي ٻنڌن مڪت ڪيو
۽ سنگم جي پٺيان ڊوڙيا پر سنگم تہ اڳ ۾ ئي رفوچڪر
ٿي ويو.

پوءِ ڀڳوان موسلي گرام ۾ آيو سنگم اُتي ڀڳوان مٿان
سڪري هڻڻ جو الزام لڳايو ڀڳوان کي پڪڙي راج
ر بار ۾ پيش ڪيو ويو تڏهن اُتي وٺل ڪيترن ئي
ر بارين ڀڳوان کي سڃاتو ۽ کيس ٻنڌن مڪت ڪري
سندس سواگت ستڪار ڪيائون.

ڀڳوان وري ٽولسي ڳوٺ جي باغ ۾ اچي ٽڪيان ۾
ويٺو سنگم هت بہ سندس پٺ نہ ڇڏي زبردست چوري

(١٧) گول واچوڙو لڳو ۽ انجي گول گهيري ۾ مهاوير
به چڪر کائڻ لڳو.
(١٨) هن ڪال چڪر هلايو. مهاوير گوڏن تائين
زمين ۾ دٻجي ويو.

اهڙي رات جڏهن اهڙن ڀيانڪ طريقن سان ٻه سنگم ڀڳوان مهاوير جو ڌيان نه ٽوڙي سگهيو تڏهن هن ٻوري پينترو بدليو.

(١٩) هو هڪ ديوتائن جي وماڻ ۾ چڙهي مهاوير وٽ آيو ۽ اچي کيس چيائين ته توکي سرڳ کپي ڇا؟ جيڪا به تنهنجي مرضي هجي سا آءٌ پوري ڪندس.

(٢٠) آخر ۾ هن اپسرائن کي آڏي پيش ڪيو ليڪن انهن کي به سڦلتا نه ملي.

اهڙيون آپدائون سهڻ ڪانپوءِ ڀڳوان مهاوير جو مکه سوني جيان چمڪي رهيو هئو. نيٺ صبح ٿيو. ڀڳوان ڀاسڪر جي پورڻ ڪرڻ سان اُشا جي لالما چمڪي اُٿي ڀڳوان مهاوير ڌيرج ڌيان سان من هٽايو اکيون کوليون ۽ اڳتي راهي ٿيو. مهاوير جي شڪتي اڳيان ڪڪو ٿيڻ ڪانپوءِ به سنگم پنهنجي هار نه مڃي، پالوڪا، سپوڳ سوچيتا ملي ۽ هستي شيرش وغيره نگرن ۾ جتي به ڀڳوان مهاوير ويو اُتي هن سندس پٺ نه ڇڏي ۽ پنهنجا ڪيترا ڪم ڀڳوان جو ڌيان ڀنگ ڪرڻ ڪندو رهيو.

ڙي هوا ڦيري جو ڪنهن بہ ڀڳوان کي ٻکيا نہ ڏني.
اهڙي ريت پورا ٦ مهنا سنگم ڀڳوان مهاوير کي
ڪشٽ ڏيندو رهيو ليڪن ڀڳوان تي ڪو اثر نہ پيو پر
نگم هيئنر هارائي چڪو هئو. هو هتاش ٿي ڀڳوان
ٽ آيو ۽ اچي کيس چيائين تہ ديو راج اندر جيڪي
ڪجهہ اوهان لاءِ چيو هئو سو سڀ صحي هئو ۽ ٿورو
ڙو. اوهين بلڪل محڪم ارادي آهيو. هيئنر اوهين
ن پنهنجي رستي وڃو آءٌ ڪڏهن بہ اوهانجي راهہ ۾
گهن نہ وجهندس ٦ مهنا مون اوهان کي تڪليفون
يون اوهين سکہ سان ساڌنا بہ نہ ڪري سگهيا هيئنر
ن وڃي آنند سان ساڌنا ڪريو آءٌ پڻ ديوتائن کي بہ
ڙي ڇڏيندس تہ ڪير بہ اوهان کي نہ ستائي.
سنگم پوءِ ديو لوڪ ۾ ويو سندس ڪٽن ڪرمن
ڪري اندر مٿانئس سخت ناراض ٿيو کيس ديولوڪ
ـان نيڪالي ڏئي ڪڍي ڇڏيائين ۽ هو وڃي ميرو
ٻت تي رهڻ لڳو.
اهڙي ريت ڏکہ ڏاڪڙا ڏسندي انيڪ ڪشٽ
هندي ڀڳوان مهاوير پنهنجي تپسيا جا سايا ١٢ سال
را ڪيا کيس اُن وقت ڪيول گيان (پورڻ گيان)
اپت ٿيو سندس تپ ساڌنا سڦل ويئي. ان اُلسؤ جو
رڻن اڳتي هلي ڪندس.
هن پستڪ ۾ ڀڳوان جي تپسوي جيون جون صرف

ڪري اڪيچار هٿيار پنھوار ڀڳوان جي پاسي ۾ اڇي
ڦٽا ڪيائين. ماڻھن چور سمجهي مھاوير کي اچي پڪڙيو
سندس اتو پتو پڇيو ويو پر جواب نه ملڻ سبب توسائي
جي راجا ڀڳوان مھاوير کي ڦانسي تي چاڙھڻ جو حڪم
ڏنو. ڀڳوان کي ڦانسي جي تختي تي چاڙھي سندس
ڳلي ۾ ڦانسي جو رسو لٽڪائي هيٺان تختو هٽايو ويو
پر جيئن ئي تختي کي هٽايو ويو تيئن ڦانسي جي نوڙي
ٽٽي پيئي. انڪري وري ٻيو دفع ڪيس ڦانسي تي
چاڙھيو ويو ليڪن وري به نوڙي ٽٽي پيئي اهڙي
ريت ٧ دفع ڀڳوان مھاوير کي ڦانسي تي چاڙھيو ويو
ليڪن ڦانسي ڪيس نه لڳي ان تي راجا کي سوچنا
موڪلي وئي جنهن ڀڳوان کي ڪو مهاپرش سمجهي
ڇڏي ڏنو.

اُنان ئي مھاوير سدار تپر آيو. سنگم شڪاري ڪٽي
وانگر هت به سندس پٺيان هئو آئي به هن مھاوير تي
چوري جو الزام لڳارائي مھاوير کي پڪڙايو پر اُتي
ڪؤشڪ نالي هڪ گهوڙن جي واپاري ڀڳوان مھاوير
کي سڃاتي ورتو ۽ سندس صحي واقفيت ڏيئي ڪيس
مڪت ڪرايائين.

اُنان ٿي ڀڳوان وجرگانءِ آيو. اهو ڏينهن ڏڻ جو
هئو ۽ سڀني گهرن ۾ کيرٽي ٺهي هئي. ڀڳوان ڀڪيا لاءِ
گهرڻ ۾ ويو ليڪن ان کان اڳ ئي سنگم ان ڳوٺ ۾

ي ڀريؤ هئي ورتي ڇا آهي. اسانجو وچر سهان ڪئور
رد ۾ جڏهن هيترا سخت هوندي به نه ڀڳهريو ته
ڀهرو اوهانجي اکين ۾ آنسون ڇا لاءِ؟ ان تي ڀڳوان
ڀاوار کيس جواب ڏنو ته سنگم ٻڌ. جڏهن تو منهنجي
سان اتياچار پئي ڪيا تڏهن آهي سون مٿا ڪري
ي ڀوڳيا ليڪن هينئر آهو وقت آيندو جڏهن انهن
ڻن ڪرمن جي توکي سزا ملندي تڏهن اُن سزا جو
ت آءٌ ڏيندس آهو به وقت جڏهن آءٌ ٽيرٽنڪر ٻڻجي
ن لوڪن جو ڪلياڻ ڪندس تڏهن تنهنجي درگتي
و خيال ڪندي منهنجو من روئي ٿو ته توکي سزا
هنجي مٿان ڪيل اتياچارن ڪري ئي ملندي؟ ڪاش
ءُ توکي ان سزا کان بچائي سگهان.

ڪيترو نه وشال هردو هو ڀڳوان مهاوير جو!
ڪڏي به پيڙا هئي سندس من ۾ ٻين جي دکن کي
ڙائڻ لاءِ! جنهن شترو کيس لڳاتار ٦ مهنا ستايو کيس
انتي سان ڀوڃا ڪرڻ ڏيان تپسيا ڪرڻ نه ڏنائين
ندس جيون زهر ڪري ڇڏيائين کيس چورو سمجهي
انسي تي چڙهائڻ جي ڪوشش ڪيائين ان خلاف به
ڏي ماتر به ڪروڌ ورو ورتو نه هو بلڪ هنجي
ڀيانتا تي ديا ئي کيس آئي.

ڀڳوان مهاوير ايڏو نه مهان هو ۽ آهي جو مون
هڙي اڻ ڄاڻ ۽ نادان ماڻهو لاءِ سندس گڻ ڳائڻ ڳائڻ

ڪجهه گهٽنائون ئي لکيون ويون آهن اهڙيون اڻيڪ
پيون گهٽنائون آهن جن سڀني جو ذڪر ڪرڻ منهنجي
طاقت کان ٻاهر آهي.

ڀڳوان مهاوير هڪ پورڻ يوگي هئو. پورڻ يوگي
جڏهن يوگ ساڌنا ۾ رهندو آهي تڏهن هنجو ٻاهريون
سنسار اندرين جو پنهنجي استول شرير سان بہ سنبنڌ
نہ رهندو آهي انڪري پوءِ جيڪڏهن ڪير سندن ان
شرير کي ڪشٽ ڏئي هاٿي جي پيرن هيٺان چيپاٽي
يا نانگہ وڇون کان ڏنگارائي تڏهن بہ منجهن ڪو بہ فرق
نہ پوندو. جهڙي ريت مٿي لکيل گهٽنائن مان پتو
پوي ٿو.

ڀڳوان مهاوير ۽ ٻين ايشوري اوتارن جي جيون جي
گهٽنائن ۾ وڏو فرق آهي. ٻين ايشوري اوتارن پنهنجي
مٿان ٿيل اَتياچارن جو پرتيڪار ڪيو آهي ان لاءِ هنن
هٿيار بہ هٿ ۾ کنيا آهن شترو جو وڌ بہ ڪيو آهي.
ٻئي طرف ڀڳوان مهاوير جو جيون ڪيترو نہ مهان آهي
هنجي مٿان اَتياچار ٿيا هن سٺا ليڪن اُهي سهندي
ڪڏهن بہ اُف نہ ڪيائين ۽ نہ وري اتياچار ڪندڙن
خلاف ڪا شڪايت ئي ڪيائين جڏهن سنگم ڀڳوان مٿان
سڀ حيلا هلائي هارائي چڪو ۽ ڀڳوان کان موڪلائڻ
لڳو تڏهن ڀڳوان جي اکين ۾ نمي اچي وئي. اهو
ڏسي سنگم وائڙو ٿي ويو. هو ڀڳوان کان پڇڻ لڳو تہ

...ن ٻڌو ئي ڪونه ٿي انڪري ڳالهه کي جواب ڪٿان
...لي ۽ ڪير ڏئي. جواب نه ملندو ڏسي ان ڳالهه جو
...ڪو ڪاپار چڙهي ويو ۽ هو ڀڳوان کي گارهون ڏيڻ
...ڳي ليڪن ڀڳوان ته آتم ڌيان ۾ اهڙو ته لين هئو جو
...ن ڳالهه جون گارهون به نه ٻڌيون ۽ نه ڪوري انجو
...ڪو جواب ئي ڏنو. اهو ڏسي ته ڳالهه هٿان ئي ٻيڪر
...ڪروڌ ڪري چوڻ لڳو ته آءٌ توکي ان خاموشي جو مزو
...و چکايان ٿو ڪنن هوندي ٻوڙو بڻيو آهين تنهنجا
...ڪن آهن سا ڪنهن جا ڪونه؟ ائين چئي هو ڪانين جا
...ڪر ڪٽي آيو ۽ اچي ٻنهي طرفن کان ڀڳوان مهاوير جي
...ڪنن ۾ ٺوڪي ڇڏيائين. ڀڳوان ڏاڍهن به ڌيان مگن هو
...يس اها به سڌ نه رهي ۽ هو مور ڪه ڳالهه من ۾ سوچڻ
...ڳو ته مون هن دشٽ کي سندس خاموشي جو پورو
...ورو مزو چکايو آهي. ائين چئي هو پنهنجو رستو
...ٿي روانو ٿيو.

ڌيان ڪلڻ ڪانپوءِ مهاوير گي مهاوير پڻ چماٽي ڏيونه
...ان روانو ٿي مڌيما نگري ۾ آيو. مڌ جهند جو ٻکيا لاءِ
...همندو هو سڌارٿ واڻئي جي گهر پهتو ان وقت
...سڌارٿ جي گهر کرک نالي تنگر جو پرمک وئد به آيل
...ئو هنجو ناماچار چئني طرف ڦهليل هئو هو نهائت
...ي قابل وئد به هئو. مهاوير کي ڏسندي ئي
...ن چيو ته ڀڳوان جو شرير پورو تندرست نه آهي ڪيس

به ايڏو ئي ڏکيو ڪم آهي جيڏو ڪنهن ناتوان لاءِ پهاڙ تي چڙهڻ آن هوندي به سندس اُي ڪرپا سان قلم ڪٽي ڪجهه پنا ڪارا ڪيا اٿم.

آخرين ڪشٽ

ڀڳوان مهاوير کي تپسيا جي وقت ۾ ڪيترو ئي نادانن انيڪ ڪشٽ ڏنا جي هن ڪل خوشي ۽ صبر سان برداشت ڪيا ليڪن اُف به نه ڪيائين. سندس ڌيان شروع ڪرڻ وقت به هڪ گوالي کيس ڪشٽ ڏنو (ڏسو صفحو ٦٦) ۽ سندس تپسيا جي انتم گهڙي به هڪ گوالي ئي کيس ڪشٽ ڏنو.

مهاوير جي دڪشيا جو ١٣ سال هلي رهيو هئو.

مهايوگي مهاوير گهمندو ڦرندو ڇماڻي ڳوٺ ۾ اچي نڪتو. ڳوٺ جي ٻاهران هو ڌيان مگن بيٺي رهيو اُن وقت سنڌيا جو سمو هئو اُن وقت هڪ گوالو وٽس آيو ۽ ڀڳوان جي پرسان پنهنجا ڍڳا بيهاري ويو. ٿوري وقت ڪانپوءِ هو واپس آيو ۽ اچي ڏٺائين ته سندس ڍڳا غائب هئا. هن مهاوير کان پڇيو ته سندس ڍڳا ڪٿي آهن؟ مهاوير اُن وقت تپسيا ۾ لين هئو هن کي نه ڍڳن جي ڪابه ڄاڻ ڪانه هئي ۽ نه وري هن ڪا گوالي جي ڍڳن جي سنڀال جي ذميواري پنهنجي مٿان کنئي هئي. هو نه هن سنسار ۾ ئي ڪو نه هئو انڪري گوالي جيڪي اڳ ۾ چيو هئو يا هينئر چيو تي سو نه

ڏهي آيا پر ڀڳوان کي پنهنجي ڏکن جي ذرو بـ
پرواهه نه هئي.

ان رات ڀڳوان مهاوير ڪشٽ سهندو رهيو. ڪيس
ڪشٽ ڏيندڙ هارائي ويا پر ڀڳوان نه هاريو انڪري
هو وردمان مان وير ۽ مهاوير بڻيو.

ڪيول گيان جي پراپتي

ڀڳوان مهاوير ١٢ سال ١٣ پکش (هڪ پکش ١٥
ڏينهن جو ٿيندو آهي) جي وڏي عرصي ۾ صرف
٣٤٩ ڏينهن ئي آهار گرهڻ ڪيو باقي ڏينهن هو نرجل
۽ نراهار رهيو ڪل ملائي ڀڳوان مهاوير پنهنجي سادڪ
جيون ۾ ٤٥١٥ ڏينهن مان ٤١٦٦ ڏينهن اُڃيو بکيو
رهي تپ ڪيو باقي ڏينهن هن اَن گرهڻ ڪيو.
ڪيول گيان پراپت ٿيڻ کانپوءِ هنجي جيون جو ٻيو پاسو
شروع ٿيو.

جرمبڪ ڳوٺ ٻاهران رجو بالڪا ندي ڪل ڪل
آواز ڪري وهي ٿي انجي ڪناري تي کيت ۾ هڪ
بغيچي ۾ ڀڳوان مهاوير گود وهاسن آسڻ جي مدرا ۾ تپ
۾ ليِن هئو اهو ڏينهن ويساک شڪلا دشمي جو هو.
ڏينهن جو چوٿون پهر هئو واءُ منبل هڪدم شانت
هئو وڻن جي ٽارن تي ڪوئل گيت ڳائي رهي هئي
هرڻيون ڇلانگه ماري رهيون هيون ان شانت واتاورڻ
۾ وڻندڙ موسم ۾ ڀڳوان مهاوير جي اکه لڳي ويئي هن

ڪا مڙهوئي تڪليف آهي سندس ڪنهن انگ ۾ بيڙا آهي. ان تي سڌارٿ واڻي ڪيس چيو ته ڀڳوان جي ويجهو هلي ڀالائي ڪري ڏس ته ڪهڙي تڪليف اٿس. ان تي ڪرڪ ڀڳوان جي ويجهو ويو ۽ سندس بدن جي تپاس ڪري ڏٺائين ته سندس ڪن ۾ ڪانئين جا ٽُڪر پيل آهن. اها ڳالهه هن سڌارٿ کي ٻڌائي. ڪرڪ اها ڀڳوان جو ڪجهه علاج شروع ڪرائي ان کان اڳ ئي ڀڳوان اُتان روانو ٿي ويو. ان ڪانپوءِ ڪرڪ سڌارٿ کي چيو ته ڪن مان ڪانئين ڪڍڻ جو ڪم سولو نه آهي اهي ڪانيون ڪڍڻ وقت ڀڳوُ کي مها ڪشٽ ٿيندو انڪري سٺو ائين آهي ته جڏهن ڀڳوان ڌيان ۾ ويٺي تڏهن سندس علاج ڪيو وڃي اُن وقت ڪيس شرير جي سڌ ٻڌ نه رهندي ۽ ڪيس ڪشٽ ٻه نه ٿيندو.

اُن ڪانپوءِ جتي ڀڳوان مهاوير ڌيان مگن بيٺل هئو اُتي ڪرڪ وئدي دوائون ۽ ٻيو سامان کڻي سندس علاج لاءِ ويو. هن پنهنجو ڪم شروع ڪيو. مهاوير جي بدن جي هن پهرائين تيل مالش ڪئي ان ڪانپوءِ وڏي ساوڌاني سان هن اوزارن رستي ڀڳوان جي ڪن مان ڪانيون ڪڍڻ شروع ڪيون. ڪانئين جي ٻاهر نڪرڻ سان ئي ڀڳوان جي ڪن مان رت جا ڦوهارا وهڻ لڳا وئدي تُرنت دوا لڳائي رت نڪرڻ بند ڪيو. اها ويدنا ڏسي اُتي بيٺل ڀڳتن جي اکين مان اُمالڪ لڙڪ

آنجو مطلب اهو هئو ته جلد ئي وڏي تعداد ۾ ساڌو
ساتوڻون ڀڳوان جا چيلا ٻڻبا ۽ چترو ت سنگهه جي
ٿاپنا ٿيندي.
ڇهين سپني ۾ ڀڳوان مهاوير هڪ پدم سروور ڏٺي
ڻن جي چئني طرف گل ئي گل هئا.
انجو مطلب اهو هئو ته جلد ئي ڀڳوان چئن پرڪارن
ب ڌرم جو سروپ جڳت کي سمجهائيندو.
ستين سپني ۾ ڀڳوان پنهنجي ٻانهن جي طاقت سان
ڪ مهاساگر کي ترِي پار ڪيو هئو.
انجو مطلب اهو هئو ته ڀڳوان هن جڳت مهاساگر ۾
نهنجي جيون ڌارا سماپت ڪري نرواڻ پد کي حاصل
ندو.
اٺين سپني ۾ ڀڳوان مهاوير هڪ چمڪندڙ سورج ڏٺو.
انجو مطلب اهو هئو ته جلد ئي ڀڳوان ڪيول گيان
صل ڪري جڳت ۾ سورج وانگيان چمڪندو.
نائين سپني ۾ هن ڏٺو ته هن اڳيان رتن جو پهاڙ
تي رهيو هئو.
اها سندس مَن جي چوڌاري پهاڙ جيان اونچي
جي نشاني هئي.
آخرين سپني ۾ ڀڳوان پاڻکي ميرو پروت جي چوٽي
سنگهاسن تي ويٺل هئو.
انجو قول اهو هئو ته ڪجهه وقت پڄاڻان سمو شروع

١٠ سپنا ڏٺا جنهنجو ورڻن هن ريت آهي اهي سپنا جلد ئي سندر ڦل ڏيڻ وارا هئا انڪري انهن جو ڦل ۾ هٿ ڏجي ٿو.

ٻئين سپني ۾ هڪ وڏي ڀينڪر وشال شرير واري پشاچ کي پراجت ڪندو ڏٺائين.

انجو ڦل اهو چيو ويو ته جلد ئي ڀڳوان سڀ کان ڀهرئين ڪرم ٻنڌن کان مڪت ٿيندو.

ٽيو سپنو ڏٺائين جنهن ۾ اڇن ڪنڀن واري ٻنس ڪوئل پکي کي ڏٺائين.

انجو ڦل اهو چيو ويو ته جلد ئي ڀڳوان جي ڌيان انتم منزل تي پهچندو.

ٽئين سپني ۾ اهو ٻنس ڪوئل پکي رنگ برنگي پکين سان ڏٺو ويو.

انجو مطلب اهو هئو ته ڀڳوان جلد ئي ووڌ ارٿ واري گيان جو لوڪ ڪلياڻ لاءِ پرسار ڪندو.

چوٿين سپني ۾ ڀڳوان ٻن رتنن سان جڙيل مالها کي ڏٺو.

انجو مطلب اهو هئو جلد ئي ڀڳوان مهاوير طرفان گرهست ڌرم ۽ سادو ڌرم جو سچو گيان لوڪن کي ڏنو ويندو.

پنجين سپني ۾ ڀڳوان اڇي رنگ جي ڳائين جي هڪ جهنڊ کي ڏٺو.

ائل ۾ سڀ و شرط جي رچنا ڪري. تيرٿنڪر جي
رم سڀا ڪي سڀ و شرط چيو ويندو آهي.

م و شرط

اِندر جي آڳيان ڪي مٿي ڪيئن ڀڳوان مهاوير لاءِ
ءِ ڌرم سڀا جو نرماڻ ڪيو پنهنجي پوري ڪلا وڌيو
ائي هن جلد ئي هڪ گولاڪار منڊپ جو نرماڻ
ڪيو جنهن جي وچ ۾ ڀڳوان جي ويهڻ لاءِ هڪ سنگهاسن
تو. ان سنگهاسن جي چوڌاري ١٢ پرڪوشٽ (بلاڪ)
نڌن جي ويهڻ هئا. تيرٿنڪر جي ڌرم سڀا ۾ راجا
نڪ، امير، غريب، گورو، ڪارو سڀ منش بنا
جنهن ڀيد ڀاؤ جي هڪ هنڌ گڏجي ويهي ڌرم جو
ئدلش ٻڌي سگهندا هئا. ڀڳوان جي ڌرم سڀا ۾ هر
ڪ پراڻي کي ويهڻ جو حق هئو. نيڍي وڏي جات
ت جو ڪوئي ڀيد نه هئو انهيءَ قدر جو انهن سڀائن
پکين ۽ جانورن جي ويهڻ جو به بندوبست هئو ۽ هو
هنجي ذاتي وير وساري سانت سڀاءَ سان اچي ڌرم
ئدلش ٻڌندا هئا. ان وياکيان منڊپ ۾ جيڪو به اچي
هندو هئو انهن سڀني جي من ۾ هڪجهڙو ڀاؤ، دڀا،
ڀا، شانتي، ڪرڻا ۽ سمانتا جو پرجي ويندو هئو. ان
يا ۾ ڀڳوان جي ديه آتما جو تيج جو پرڪاش سڀني
سي چانئجي ويندو هئو پرڀو جي ان تيج اڳيان ٻاڦي
ب تيج ڦڪا هئا. پرڀو جي وياکيان جي ڀاشا اُنوقت

سڀا جي سنگهاسن تي براجمان ٿي هوُ اُپديش ڏيندو.

ٿوري ڏينهن ۾ ڀڳوان جي ساڌنا سڦل ٿي ويئي ڪرمن جو پڙدو پوريءَ طرح نشٽ ٿي ويو سندس آتما جي اننت شڪتي وري جاڳي ويئي. هن کي اڄ سمپورڻ گيان ڪيول گيان پراپت ٿيو. آڪاش ڀڳوان مهاوير جي جئه جئه جي آواز سان گونججي اُٿيو. ڪيول گيان پراپت ٿيڻ سان ڀڳوان مهاوير منش ماتر ۾ ملندڙ ١٨ دوشن ارٿات اگيان، ڪروڌ، ڀپ، مان، لوڀ مايا، پريم، نفرت، ننڊ، شوڪ، اسٿيه، چوري، متسر، هنسا، پريما سڪتي، ڪرڙا سڪتي ۽ کل کان مڪت ٿيو.

ڀڳوان مهاوير هينئر پورو ويتراڳي ٿي پيو هيو. موهه راڳ ۽ دويش روپي دشمنن تي هن وجئه پراپت ڪئي هئي. هوُ هينئر سچو مهاوير بڻيو هيو هن تيرٿنڪر پد کي پراپت ڪيو ۽ هوُ تيرٿنڪر ڀڳوان مهاوير جي نالي سان وکيات ٿيو. هيل تائين هوُ منيراج هيو، منيراج وردمان هيو ۽ هينئر هوُ تيرٿنڪر ڀڳوان مهاوير هيو.

ديوراج اِندر کي تتڪال ان ڳالهه جو پتو لڳو ته تيرٿنڪر مهاوير کي پوُرڻ گيان پراپت ٿيو آهي هن تتڪال ”ڪيول گيان ڪليائڪ مهوتسو“ جو بندوبست ڪيو ڀڳوان مهاوير جي پوڄا واسطي جو سڀ کي لاڀ ملي ان لاءِ هن ڪبير کي آگيا ڏني ته هوُ

سڀ کان پھرئين برھمڻ ٿي ٿيا ھئا. انھن ١١ ودوانن جا ٤٤٠٠ شش ۽ مھاوير جا شش ٿيا انھن سڀني شش ساڌو سنگھ جي استاپنا ڪئي.

ڪؤشمبي ۾ جڏھن چندن بالا کي پتو پيو ته مھاوير کي ڪيول گيان پراپت ٿيو آھي تڏھن ھن ڪؤشمبي جي راجا شتانڪ کان موڪل ورتي ۽ مھاوير کان وڃي ديڪشا گرھڻ ڪيائون ڀڳوان ڪيس عؤرتن جي ساڌوي سنگھ جي پرمک آريا مقرر ڪيو. اھڙي ريت ساڌن ۽ ساڌوين جا سنگھ به ھلڻ لڳا.

راج گره کان ٿي مھاوير وئشالي آيو جتان ھؤ برھمڻ ڪنڊ ۽ ڪيترين ڪنڊ ۾ ويو برھمڻ ڪنڊ ۾ رشيدت ۽ ديوانندا کي ۽ ڪيترين ڪنڊ ۾ جامالي ۽ پريه درشنا کي ديڪشا ڏنائين.

وئشالي کانپوءِ ڀڳوان مھاوير وتس جن پد ۾ آيو ھؤ اتان جي راڄڌاني ڪؤشمبي پھتو. ڪؤشمبي کان ٿي مھاوير شراوستي پھتو اٿي سمنو ڀدر ۽ سپرتشت کي ديڪشا ڏنائين.

شري واستي کان ٿي مھاوير واڻيه گرام ۾ پھتو اٿي گاٿا پتي آنند شراوڪ ڌرم سويڪار ڪيو.

واڻيه گرام کان ٿي مھاوير وري راج گره پھتو اٿي ڌنا سيٺ ۽ شالي ڀدر ديڪشا ورتي.

راج گره کان ٿي مھاوير چمپا پھتو اتان جي راڄڪمار

عام ماڻهن جي ڀاشا آئي هئي (جنهن کي آرڌ ماڳڌي چون ٿا) وياکيان مذهب جي رچنا اهڙي رهت ٿيل هئي جو ان مذهب ۾ ڪير به ڪٿي به وڌيل ڇو نه هجي پر هو ڀڳوان جي مک منڊل جو درشن برابر ڪري سگهيو ٿي۔

رجو ڪولا ندي جي ويجهو سڀا لڳي سڀني پاسي خبر ڪئي وئي ماڻهو وڏي تعداد ۾ آيا ليڪن ڀڳوان ڪجهه ڳالهايو ڪونه. ماڻهو نراش ٿي موٽي ويا. ڀڳوان مهاوير پنهنجو ورت جاري رکيو. جتي به ٿرسندو هئو اُتي هن لاءِ سڀا جو بندوبست ڪيو ويندو هئو ليڪن اڃان مهاوير پروچن چالو نه ڪيو. گهمندي گهمندي مهاوير راجگرهه جي ويجهو وپلاچل پروت تي پهتو اُتي به وشال سمو شرڻ سڀا ڪئي وئي ليڪن ان ۾ به پريو مؤن نه کوليو. اهو سڀ ڪجهه صرف هڪ ڏينهن نه ٿيو بلڪ اها حالت ڪيترائي ڏينهن هلندي رهي. جنتا گڏ ٿيندي هئي پر مهاوير جي مک مان دويه ڌوني ڪونه نڪرندي هئي. اهڙي رهت ٦٥ ڏينهن گذري ويا. سڀني ٻڌندڙن سان گڏ سڀا جي ويوستا ڪندڙ پرمک اندر راج جو به صبر ٽٽي پيو. هن انجو ڪارڻ ڄاڻڻ چاهيو. هن پنهنجي دويه درشٽي سان ڏٺو ته حاضرين ٻڌندڙن ۾ هڪڙو به مهاوير جو پرمک شش (جنهن کي گڻ ڌر ڪوٺين ٿا) ٻڌڻ جي

ٻي هڪ حصي ٿي نالو ئي وهار بعدِ بهار پئجي ويو بهار پرانت ۾ ڪيترائي وڏا نگر سندس نالي پٺيان وسيل آهن. ضلع هيڊ ڪوارٽر بردوان جو اصل نالو ورڌمان آهي ويو پوءِ به سندس نالي پٺيان وسيل شهر آهي. اهڙي طرح سنگهه پوءِ به سندس نالي پٺيان وسيل شهر آهي.

تيرٿنڪر ڀڳوان مهاوير جتي به ويندو هو اتي هو جن ڀاشا (عام ماڻهن جي ٻولي) ۾ ئي ڌرم اپديش ڪندو هو. هر روز اهو اپديش ٣ دفع بعدِ پرانهه، ٻپهرن ۽ شام جو ٦-٦ گهڙيون ڏيندو هو. هر هنڌ سموشرڻ سڀائون ڏيندڙون هيون جتي راجا پرجا ننڍو وڏو غريب امير هزارن جي تعداد ۾ اچي لاڀ وٺندا هئا پنهنجي اگيان جو اندڪار دُور ڪري سچو گيان پراپت ڪندا هئا ورت ڌارڻ ڪندا هئا ۽ هو سندس ڀڳت ۽ چيلا بڻجي ويندا هئا.

ڀڳوان مهاوير جي واڻي ۾ جيڪي ڪجهه آيو اهو سڀ سچ هو ليڪن اهو ڪو نئون سچ ڪونه هو بلڪ هن جيڪي ڪجهه چيو اهو سدا کان هلندڙ سناتن سچ ئي هو سندس اپديش جو سار هن ريت آهي:-

- هر هڪ آتما آزاد آهي ڪير به ڪنهن جي آڌين نه آهي.
- سڀ آتمائون سمان آهن ڪير به ننڍو وڏو نه آهي.

مها چندر شراوڪ ڌرم سوڪار ڪيو.

چمپا کان ٿي مهاوير وري واڻيه گرام آيو اُتان ٿي هُو واراڻسي طرف روانو ٿيو. واراڻسي جي مهاراجا جتشترو مهاوير جو اُپديش هر آدمي تائين پهچائڻ لاءِ سهڻو رو بندوبست ڪيو.

واراڻسي کان روانو ٿي هُو آلڀيا کان ٿيندو وري راجگره پهتو. اُتان هُو ڪوشمبي لاءِ روانو ٿيو. هن دفع ڪوشمبي ۾ راڻي مرگاوتي مهاوير کان دڪشا ورتي. ڪوشمبي کان موٽي مهاوير مٿلا ويو اُتي ڪاڪندي گرام ۾ اَنبن جي باغ ۾ سندس اُپديش ٿيو سندس اُپديش ٻڌي ڀدرا سارٿواهي جو پٽ ڌنيه ڪمار ڀڳوان جو شش ٿيو.

مٿلا کان ٿي وري ٻيو دفع ڀڳوان مهاوير هستناپور آيو جتي اُن وقت راجا شو جو راج هو هُو مهاوير جو شش بڻيو.

وري هڪ دفع ڀڳوان ساڪيت، شراوستي وغيره شهرن جو رٽن ڪندو پنچال ديش ڏانهن ويو. ڪمپلپر جي ٻاهران سهسرامرون (اَنبن جي بغيچي) ۾ ٽڪيو جتي پرڀو راجڪ سندس شش بڻيو.

اهڙي ريت ڀڳوان مهاوير پوري ڀارت ديش ۾ جيون جا ٣٠ سال گهمندو رهيو ۽ ڌرم اُپديش ڪندو رهيو سندس وهار (گهمڻ) جي گهڻائي سبب ڀارت

...ابل نه هئو. نيٺ هن ٻاهر ڏسوائيا ڪرڻ شروع ڪئي
...يس اندر ڀوڙتي نالي هڪ مهان ودوان ان ڪم جي
...ابل نظر آيو. اندر ڀوڙتي ويد ويدانگ جو مهان ودوان
...هئو هن جا ٥٠٠ شش هئا. اندر جڏهن محسوس ڪيو
...ه اندر ڀوڙتي ڀڳوان مهاوير جو پرڌان شش ٿيڻ جي
...لائق آهي تڏهن هو هڪ وڏي برهمڻ جو ونس ڌاري
...اندر ڀوڙتي گوتم وٽ ويو ۽ سندس اڳيان سنسڪرت
...م هڪ ڇند پڙهي کيس چيائين ته هو مهاوير جو شش
...هئو ۽ ان شلوڪ جو هو مطلب سمجهڻ چاهي ٿو.

شلوڪ جو اهڙو مطلب هئو جو اندر ڀوڙتي گوتم به
...ه سمجهائي سگهيو ان ڪري ونس ڌاري اندر کيس چيو
...ه ڇا کيس هڙئي ودوان جي دروازي تان به خالي
...وٽڻو پوندو؟ ان ڪري اندر ڀوڙتي چيو ته هو سندس
...گرو يعني مهاوير سان ملي ان ٻاري ۾ پوءِ چرچا ڪندو
...ڪانئس پڇيائين ته تنهنجو گرو ڪٿي آهي هلي مون
...ي ڏيکار. آءٌ تو سان گڏ ٿو هلان ائين چئي اندر ڀوڙتي
...گوتم ۽ سندس ٥٠٠ شش برهمڻ ونس ڌاري اندر جي
...ٺيان هلندا هليا.

ڀڳوان جي به مک مان وائي وهارڻ جو وقت
...چي ويو. سم وسرڻ جي ويجهو پهچندئي اندر ڀوڙتي
...ي وچارن جي ڪٺورتا ختم ٿي ۽ اُنجي اُستاپنا ٿي
...سندس وچارن ۾ ڪوملتا آئي. سم وسرڻ جي دروازي

هر هڪ آتما انت گيان ۽ سک مئہ آهي. سک اندر ۾ ڀريل آهي ڪٿان ٻاهران سک ڪو نہ ايندو.

سڀ جيو پنهنجي غلطين سبب ئي ڏکي آهن ۽ هو پنهنجون غلطيون پاڻ سڌاري سُکي ٿي سگهن ٿا.

پاڻ کي نہ سڃاڻڻ ئي سڀ کان وڏي ڀُل آهي ۽ پنهنجو سچو سروپ سڃاڻڻ ئي ان ڀل کي سڌارڻ آهي.

ڀڳوان ڪو الڳ ڪو نہ ٿيندو آهي جيڪڏهن ڪوئي ڏس ۾ ڪوشش ڪري تہ هر هڪ جيو ڀڳوان ٿي سگهندو آهي.

پاڻ کي ڄاڻو، پاڻ کي سڃاڻو ۽ پاڻ ۾ سمائجي وڃو تہ اوهين ڀڳوان بڻجي ويندا.

ڀڳوان جڳت جو هرتا ڪرتا نہ آهي هو تہ سمست جڳت جو هڪ ئي ڄاڻندڙ ۽ ڏسندڙ آهي.

جيڪو سمست جڳت کي ڄاڻي اُن سان الپت رهي وئراڳي بڻجي سگهي ۽ جڳت کان بي اثر رهي ڄاڻي سگهي اهو ئي ڀڳوان آهي.

ڌرم جي نالي ۾ يگين ۾ جانورن جي ٻلي چڙهائڻ ۽ ٻئي کاڌي جو سامان اگني ۾ نشٽ ڪرڻ غلط آهي.

ڌرم ۽ ڌارمڪ ڪريائون ڪنهن خاص انسان لاءِ نہ آهن بلڪ هر هڪ شخص انهن کي ڪرڻ جو اڌڪاري آهي.

راجا يا راجيہ اڌيڪش جو اهو فرض آهي تہ هو جن

اُنھن سڀني جي ٻوليءَ ۾ واقفيت ھن رھت آھي.

اندر ڀوتي

اندر ڀوتي گوتم مگڌ ديش ۾ گوبر گرام ۾ رهندڙ گوتم گوتر برهمڻ وسو ڀوتي جو پٽ هو، سندس ماتا جو نالو پرٿوي هو. هو ويد ودانگ ۾ ماهر ودوان هو. مهاوير وٽ ديکشت ٿيڻ وقت سندس عمر ٥٠ سال هئي، مهاوير کانپوءِ ڪيس ڪيول گيان حاصل ٿيو ۽ ١٢ سالن کانپوءِ هن نرواڻ پد پراپت ڪيو.

اگني ڀوت

هي اندر ڀوتي جو ڀاءُ هو، اندر ڀوتي جي ديکشت ٿيڻ کانپوءِ ٤٦ سالن جي عمر ۾ هو به ديکشت ٿيو ۽ ڀڳوان مهاوير جو شش بڻيو.

وايو ڀوت

اندر ڀوتي ۽ اگني ڀوت جو ننڍو ڀاءُ هو، پنهنجي ٻن وڏن ڀائرن جو ديکشت ٿيڻ کانپوءِ ٤٢ سالن جي عمر ۾ هو به ديکشت ٿيو ۽ مهاوير جو شش ٿيو.

آريه ويڪت

هي ڪولاڳ علائقي جي ڀاردواج گوتر جو برهمڻ هو، سندس ماتا جو نالو وارُوڻي ۽ پتا جو نالو ڌن متر هو. هو به اندر ڀوتي کانپوءِ مهاوير جو شش بڻيو.

سڌرما

هي به ڪولاڳ کيتر جي اگني ويشيائن برهمڻ ڪل

ٿي سندس ماڻ (گهمنڊ) ڇُور ڇُور ٿي ويو. سندس اِيان اگيان جي انڌڪار جو پيل پڙدو هٽي ويو هوُ تمر ڀاءُ سان سڀ ۽ شرڻ ۾ داخل ٿيو. هن ڀڳوان مهاوير جو درشن ڪيو جو سڀا ۾ سنگهاسن تي سنگهاسن ڪان چار آڱر مٿي براجمان هئو ڪيس مهاوير جي ويجهو نيو واڙ هن ڀڳوان مهاوير کان ديڪشا گرهڻ ڪئي ۽ مهاوير جي اُستتي ڪرڻ لڳو.

سڀ کان سٺو آشچريه اهو ٿيو جو هڪ طرف اندر ڀُوتي مهاوير جي اُستتي ڪرڻ لڳو ته اُنوقت سڀ ۽ شرڻ ۾ ڀڳوان مهاوير جي مک مان دويه ڌوني جو اُچارڻ شروع ٿيو جنهن جي ٻڌڻ لاءِ ماڻهو گڏ ريل ٦٦ ڏينهن کان بي تاب هئا. جنسي امرت ورکا ٿي رهي هئي. سڀئي ٻڌندڙ ڏاڍي آنند ۾ هئا. اهو خوش نصيب ڏينهن هئو ساوڻ ڪرشنا پرتيپدا جو. اُن ڏينهن ڀڳوان جو اُپديش شروع ٿيو انڪري ان ڏينهن کي جين سماج ”وير شاسن جينتي“ منائيندي آهي.

اندر ڀُوتي گوتم سان گڏ سندس ٥٠٠ شش پڻ مهاوير جي شرڻ ۾ آيا. گوتم پنهنجي قابليت سبب مهاوير جو پرڌان شش ۽ پهريون گڻڌر ٿيو. گوتم جا ٻيا پرمک شش جي گڻڌر ٿيا انهن ۾ پرمک هئا اگني ڀوت، وايو ڀوت، آريه وڪت، سوڌرما، منڊڪ، موريه پتر، اڪمپت، اچل ڀراتا، مِتاريه ۽ پرڀاس.

ڪلياڻ لاءِ ضروري وِيوستا ڪري. راجا کي پرجا
کان ڀل اهڙي ريت وصول ڪرڻ کپي جهڙي
ريت ڀؤنرو گل مان رس چوسي وٺندو آهي نه
گل کي تڪليف ٿيندي آهي نه ڪو ايذاءُ ٿئي
پهچندو آهي.

وشو (جڳت) جو نرماڻ ايشور نه ڪيو آهي بلڪ
پاڻيهي ٿيو آهي.

جيو ٻن پرڪارن جا آهن هڪڙا اُهي جيڪي سنسار
۾ قائم آهن ۽ ٻيا اُهي جيڪي سنسار کان مڪت
ٿي چڪا آهن.

جيسين منش جا وچار صحي نه آهن تيسين هن جي
حالت صحي نه ٿي سگهندي.

برهمڻ کتري وئش شودر ان طرح جا سماج ۾ ورگ
ڀيد غلط آهن. ساري منش جاتي هڪ آهي. منش-
منش ۾ جاتي ڀيد ڪرڻ- ورگ ڀيد ڪرڻ غلط آهي.

جيڪو منش ٻيا ڌرم انوسار هلندي پرلوڪ وڃي ٿو
اُتي به هُو انيڪ ڪشٽن کان پيڙت ٿي دکي ٿئيٿو.

جيڪو منش ڀلي ڀانت ڌرم انوسار هلت هلي
پرلوڪ گمن ڪري ٿو اُهو اُتي ڪشٽن کان مڪت
ٿي نهائت سکي رهي ٿو.

پنهنجو پاتڪي ٿي مار! پنهنجو پاتڪي مارڻ ٿي نه
نهائت ڪٺن آهي پاتڪي بعضي آپ کي مارڻ

مان هئو سندس ماتا جو نالو پدلا ۽ پتا جو نالو تمل هو.

مڌبت

مؤرہ کيتر جو وسسٽ برهمڻ هئو سندس پتا جو نالو ڌن دہو ۽ ماتا جو نالو وجيا ديوي هئو.

مؤريہ پتر

هي مؤرہ کيتر جو کيشپ برهمڻ هئو سندس پتا جو نالو مؤرہ ۽ ماتا جو نالو وجيا هئو.

اکمپت

هي متلا جو رهندڙ هئو ۽ گؤتم گوتر جو برهمڻ هو سندس ماتا جو نالو جينتي ۽ پتا جو نالو دہو هئو.

اچل پراتا

هي بہ کوشلا نواسي هاريت گوتر جو برهمڻ هئو سندس ماتا جو نالو نندا ۽ پتا جو نالو وسو هئو.

مهتاريہ

هي وتس ديش جي لنکا کيتر جو رهندڙ کونڊيہ برهمڻ هئو. سندس ماتا جو نالو وارونڻي ۽ پتا جو نالو دت هئو.

پرڀاس

هي راج گرہ ۾ رهندڙ کونڊيہ گوتر جو برهمڻ هئو. سندس ماتا جو نالو اتي پدرا ۽ پتا جو نالو ”بل“ هئو.

اهڙي ريت ڏسڻ ۾ ايندو تہ يگوان مهاوير جا شش

ندا هئا أهي شراوڪ ڌرم سو ڪار ڪندا هئا جيڪي
پياسي ٿيندا هئا أهي ساڌو يا مني ڌرم قبول ڪندا
ها.

واڻ ۽ نرواڻ استلي

اهڙي رهت جيون جا ٣٠ سال گهمندي گهمندي
ر نگر گرام گرام ۾ اپديش ڪندي ڀڳوان مهاوير ورڌمن
٧ سال جي عمر ۾ "پاواپر" پهتو. ڪارتڪ جو مهنو
ڻو أماس جي اندهري رات هئي ڏياري جو مهان پرو
ڻو پربات ٿيڻ ۾ ڪجهه وقت باقي هئو ڀڳوان ڀاسڪر
سورج ديوتا) جي پهرين ڪرڻ اچا ڪونہ ڦٽي هئي
هڙي شانت ويلا ۾ مهاپرڀوُ هي شرير ٿياڳي نرواڻ پد
ي حاصل ڪيو.

اهو وقت عيسيٰ کان ٥٢٧ سال اڳ جو آهي.

مهاوير جي نرواڻ جو سماچار ملڻ تي ديوتائن اچي
هان أتسوُ ڪيو جنهن کي "نرواڻ أتسوَ" چون ٿا. پاوا
گري ۾ چوڌاري ديپڪ جلايا ويا سندس شش کي هڪ
رف جتي مهاوير جي مرتيوُ جو شوڪ هئو تہ ٻئي
رف هنجي نرواڻ پد پائڻ تي خوشي ۽ هئي. اها ٻہ
فاق جي ڳالهه هئي جو جنهن صبح جو مهاوير نرواڻ
پرابت ڪيو ان ڏينهن شام جو تني سندس پرمکہ
ش گڻ ڌر گوتم اندر ڀوتي کي ڪيول گيان پرابت
و. ڀڳوان مهاوير جي نرواڻ ڏينهن کان هڪ نئون

وارو ٻنهي لوڪن ۾ سکي ٿئيٿو.

- اي مانُو تون پنهنجو پاڻکي وس ۾ ڪر ان طرح تون ڏکن کان ڇوٽڪارو پائيندين.
- شرير هڪ ٻيڙي آهي آتما ان شرير کي هڪاريندڙ سنسار آهي سمندر. ان سنسار سمندر کي مهرشي جن پار ڪندا آهن.
- منش جيون پائي پنهنجي ڪرمن سان ٻڌ ڪر. ٻين ٻاهرين لڙائن سان ڪهڙو ڦرلو جن. هڪ دفع موقع هٿان وڃائڻ ته پوءِ ٻڌ لائق هي منش جنم وري نه ملندءِ.

چترود سنگهه

ڀڳوان مهاوير جي ششن لاءِ مهاوير جيڪا وِوستا ڪئي هئي ان کي "چترود سنگهه" وِوستا چيو وڃيٿو. ان چترود (يعني چئن قسمن) جي سنگهه وِوستا هن رِيت هئي.

(١) ساڌو (٢) ساڌوِيون (يعني مهلا ساڌو) (٣) شراوڪ (يعني گرهست ۾ رهي ڌرم انوسار هلڻ وارا) ۽ (۴) شراوڪا.

ان وِوستا کي ٻن حصن ۾ ورهائي سگهجيٿو يعني هڪڙا سنياسي ۽ ٻيا گرهست. ساڌو ۽ ساڌوِيون هميشه سنياسي ٿي ٿيندا هئا اُنهن لاءِ الڳ الڳ سنگهه ٺاهيا ويا جيڪي شخص گرهست جيون ڇڏي سنياسي ڪرڻ

ي جنهنجو وهڪرو پوري ديش ۾ ۳۰ سال هليو ۽
يش کي پوتر ڪندو رهيو. هنجي اُپديش لکين نر
رين جو ڪلياڻ ڪيو ۽ کين ڀؤساگر پار ڪرايو.

جڏهن هوُ ويو تڏهن رات اندهيري هئي ان اونده
دڪار کي دوُر ڪري هوُ روشنيءَ جا ديپ جلائيندو
و. اڄ ڏينهن تائين ديش جي هڪ ڪنڊ کان ٻي
ڪنڊ تائين ڪارتڪ جي ڪاري رات جو سوين هزارين
يپڪ جلائي روشني ڪئي ويئي ٿي. مهاوير جي
واڻ سان ڏياري به چمڪندڙ ٿي پيئي.

سنبت ۾ هليو جنهن کي "واهه نرواڻ سنبت" چون ٿا اهو جينين ۾ لوڪپريه آهي.

پاواپر موجوده بهار پرديش ۾ آهي ان نگر ۾ هڪ سندر مندر ٺهيل آهي جنهن ۾ ڀڳوان مهاوير جون چرڻ پاد ڪائون (چاکڙاون) رکيل آهن. هي شهر پٽنا ضلع ۾ آهي.

اهڙي رهت ڀڳوان مهاوير جي جيون کي ڏسڻ سان معلوم ٿئيٿو ته جنم کان ئي آتم گياني بالڪ وردمان مهاوير بالڪپڻي کان ئي هو ڏاهو گنڀير ۽ آتم نشٺ هو. راج ڪاج جي سنساري ڪمن ۾ هن جي دل ڪونه لڳندي هئي باهرئين سنسار کان الڳ راجڪمار وردمان اندر ۾ جهانڪي پاڻ ۾ لڳل هئو نه هو ڪيس شان شوڪت ۽ اميري سان لڳاءُ ئي نه وري هو ڪو قاتل هئو وشيه ڀوڳن ۾.

جيتوڻيڪ هو ٣٠ سال گهر ۾ رهيو ليڪن هو نه رهڻ جي برابر رهيو سندس من گهر ۾ ڪڏهن نه لڳندو هئو. جواني ته سندس جيون ۾ آئي ضرور ليڪن هن جواني جا مزا ڪونه ورتا بلڪ هو ڦوهه جواني ۾ ئي گهر ٻار جو تياڳ ڪري ويو. هو ويراڳي بڻيو، ويتراڳي بڻيو ۽ هن موڻ ڌارڻ ڪيو. اها خاموشي هن ٽڏهن ٽوڙي جڏهن هن ڪجهه حاصل ڪيو ۽ ٻين کي ڏيڻ جي اوسٿا ۾ آيو. سندس واڻي جي گنگا پرواهت

(پرٿوي تي پلجندڙ) جل ڪائڪ (جل ۾ رهندڙ) اگني ڪائڪ (باهه تي جيئندڙ) وايو ڪائڪ (هوا تي پلجندڙ) ونسپتي ڪائڪ (وڻ ٽڻ گاهه ٻوٽا سبزيون وغيره) ۽ ترس ڪائڪ (هوا، باهه، پاڻي ٽنهي تي پلجندڙ) اهي سڀ ڇهن ئي قسمن جا پراڻي سک چاهين ٿا سک کي پنهنجو پرم ڌرم سمجهن ٿا. انهن کي من ڪرم توڙي وچن ٽنهي مان ڪنهن سان به دکي نه ڪرڻ کپي ۽ نه وري ٻين کان دکي ڪرائڻ کپي ڪير جي انهن کي دکي ڪري ته انجو سمرٿن به نه ڪرڻ کپي.

اهي ٻئي اُپديش اهميت ڀريا ۽ جين تتوُ گيان مطابق آهن اُپديش جي پٺيان اهو مقصد آهي ته سڀني جيون کي سرلتا سان سکمئه جيون جيئڻ جو اڌڪار ڏنو وڃي. شرمڻ ٻڌجڻ کان اڳ "ڪنهن کي دکي نه ڪرڻ جو سنڪلپ ڪرايو ويندو آهي ۽ هن ريت پرتگيائون ڪرايون وينديون آهن.

اهنسا مها ورت

شرمڻ کي هن ريت هي پرتگيا ڪرڻي پوندي آهي ته آءٌ پراڻي ماتر (انو ۾ منش پکي ٻوٽون جيوُ جنتوُ سڀ اچي ويا) جي هنسا ساري عمر نه ڪندس استول، سوکيم ٻنهي جنگم (استول معنيٰ ٿلهو ٻيا وڏو) سوکيم (معنيٰ سنهو يا ننڍو) يا جنگم انهن مان ڪنهن به پراڻي جي من ڪرم وچن ۽ ڪايا سان آءٌ پاڻ هنسا نه

ڀڳوان مهاوير جون سکيائون

ڀڳوان مهاوير ۳۰ سال اُپديش ڏنو. ديش جي هڪ ڪنڊ کان ٻي ڪنڊ تائين هن رٿن ڪيو. سـم ۽ شرڻ سپاڻون ڪيون ڌرم اُپديش ڏنا. ڌرم اُپديش جو ليکو جوکو ڪرڻ سو بس هن ڪتاب جي ڪجهه صفحن ۾، اهو به مون جهڙي اڄاڻ ماڻهو لاءِ ناممڪن آهي ان هوندي به ڪتاب ۾ ان سمبنڌ ۾ ڪجهه به نه لکڻ به نه غلط آهي انڪري سندس ڪيان اُپديش جو ڪجهه سار ڏي آءٌ هن پستڪ ۾ ڏيڻ جي ڪوشش ڪندس.

ڀڳوان مهاوير سڀ کان پهريون اُپديش راج ڳرهي جي ويپلاچل پربت تي ڏنو هو ۽ سندس مک کان هينيان اکر ئي سڀ کان پهريان نڪتا هئا.

”اُپٽيءِ وا وڳسيءِ وا ڌرُوءِ وا“

انجو سار هن رت آهي ته هر هڪ وستو ۾ ۳ گڻ ٿيندا آهن. اُتپاد (پيدا ٿيڻ) وئيه (خرچ ٿيڻ) ڌروتا (استر ٿيڻ).

جيو ٦ قسمن جا ٿيندا آهن. هڪڙا پرٿوي ڪايڪ

آءُ سڀني قسمن جي واٽي دوش جو عمر ڀر لاءِ ٽياڳ
ڪرڻانئو. غصي ۾، لوڀ ۾ يا مذاق ۾ مون ڪرم وچن
ڪايا سان ڪوڙ ڪڏهن نه چوندس نه ڪوڙ جو
هدوار ڪندس. نه ٻين کان ائين ڪرائيندس ۽ جي
ڪير ائين ڪندو ته ائين ڪرڻ نه ڏيندس. آءُ پاپ
ڪرم کان اڄ ٽيان ٿو آءُ ڪوڙ ڪپٽ جي نندا ڪريان
۽ پاڻکي ان کان مڪت ڪريان ٿو.
سادڪ جي ان ٻي پرتگيا جي پنيان به ٥ ڀاونائون
هن :-
(١) سوچي ويچاري ڳالهائڻ کپي جيئن بنا سوچ جي
ڪجهه ڪوڙ نه ڳالهائي وڃي.
(٢) ڪروڌ جو ٽياڳ ڪرڻ گهرجي جيئن غصي ۾
ڀي ڪوڙ نه ڳالهائي وڃجي.
(٣) لوڀ جو ٽياڳ ڪرڻ گهرجي جيئن لوڀ لالچ
ڦاسي ڪوڙ نه ڳالهائي وڃجي.
(٤) ڀي ڏپو ٽيڻ گهرجي جيئن ڏپ جي اثر هيٺ
ڪوڙ نه ڳالهائي وڃجي.
(٥) مذاق به ڇڏڻ گهرجي جيئن مذاق ۾
ڪوڙ نه ڳالهائي وڃجي.

ستيه مها ورت

هي ٻين پرتگيا سادڪ کي ڪرڻي آهي جنهن ۾
ڏو چوي ٿو ته آءُ ساري عمر ڀر سڀني قسمن جي

ڪندس نه ٻئي کنهن کان هنسا ڪرائيندس، نه هنسا ڪندڙ جو ساٿ ڏيندس. آءٌ پاپ ڪرم کان پري رهندس، آءٌ پاپ ڪرم جي نندا ٿو ڪريان، گلا ٿو ڪريان ۽ پاڻکي پاپ ڪرم ڪرڻ کان هٽت ٿو ڪريان ان مهاورت ۾ پنج ڀاونائون آهن.

(١) اهڙي طرح هلڻ گهرجي جو ڪنهن جيو جنتوءَ کي به ڪليش نه پهچي.

(٢) پنهنجي من جي جاچ ڪرڻ گهرجي پنهنجي من کي پاپ ڪرمن کان پري رکجي.

(٣) پنهنجي واڻي جي جاچ ڪرڻ گهرجي ۽ مکه سان به اهڙو نه چئجي جنهن مان هنسا پاپ ڪرم کي پروهتساهن ملي.

(٤) هرهڪ شيءِ کي ڏسي صاف ڪري کڻجي يا رکجي جيئن ڪو به جيوءُ جنتوءُ نه مري پوي.

(٥) کاڌو پاڻي به ڏسي جاچي پوءِ ڪم آڻجن جيئن جيوءُ جنتو جي هنسا نه ٿئي.

جيڪو ان ريت اهنسا جي پالڻ لاءِ مٿيان ٥ ڪرم ڪري ٿو ان کي چئجي سگهبو ته هن اهنسا ورت جو پالن ڪيو آهي.

ستيه مهاورت

شرمڻ يا ساڌو کي جيڪو ٻيو مهاورت ڌارڻ ڪرڻو پوندو آهي اُهو آهي ستيه مهاورت جو هن ريت آهي:-

سيوڳي ڪرائيندس. آءٌ پاپ ڪرم کان آجو ٿيان ٿو.
ءُ برهمچريه جو پالن ڪريان ٿو آءٌ پاپن کان پاڻ کي
ڪت ڪريان ٿو. برهمچريه مهاورت پنهنجي ٻن پنج
اونائون آهن :-

(١) ساڌڪ گهڙي گهڙي زالن بابت ڳالهه ٻولهه نه
ڪري جاڪاڻ ته ائين ڪرڻ سان چت جي شانتي ڀنگ
ٿي ٿي ۽ ساڌڪ ڌرم کان ڀرشت ٿئي ٿو.

(٢) ساڌڪ استرين جي منوهر انگن کي نه ڏسي ۽
ه وري ان باري ۾ سوچي.

(٣) ساڌڪ ڪڏهن به استري سان ڪيل سيوڳ
ڳي ياد نه ڪري.

(٤) ساڌڪ ضرورت کان وڌيڪ ۽ شهوت وڌائيندڙ
کاڌو نه کائي.

(٥) ساڌڪ ڪڏهن به ڪنهن استري، مادي پشو يا
ڳنڊڙي طرفان ڪم آندل آسن يا سيج تي نه سمهي.

اپريگرهه مهاورت

ساڌڪ کي پنهنجو جيون سنجمي بنائڻ لاءِ هن ريت
پريگرهه ڪرڻي پوندي آهي آءٌ سڀني قسمن جي پريگرهه
جو (يعني موهه) ۽ سنگرهه جو سڄي عمر لاءِ تياڳ ڪريان
ٿو. آءٌ گهٽ يا وڌ، ننڍي يا وڏي ڪنهن به وستوءَ ۾
پريگرهه بدي (موهه) نه رکندس. آءٌ نه پاڻ ائين ڪندس
نه ٻئي ڪنهن کي ائين ڪرڻ ڏيندس ۽ جي ڪير

چوري ڇڏيندس ڪنهن به قسم جي چوري نه پاڻ ڪندس نه ٻئي کان ڪرائيندس ۽ نه چوري ڪندڙ ۾ سهائڪ ٿيندس. گرام نگر يا بن ۾ به ڪنهنجو ٿورو يا گهڻو مال بنا مناسب قيمت ڏيڻ جي نه کڻندس، نه ٻئي کي کڻڻ ڏيندس ۽ جي ڪير کڻندو هوندو ته اُن کي ائين ڪرڻ نه ڏيندس. ان مهاورت پنهنجان به پنج ڀاونائون آهن:-

(١) ساڌڪ وچار ڪري ٿوري تعداد ۾ ئي وستوُ رکي.

(٢) گهري ور تل کاڌي جي سامان کي به گرو آچاريه آدي کي ٻڌائي سندس اجازت سان گرهڻ ڪري.

(٣) ساڌڪ وقت ۽ حد ٻڌائيندڙ ئـي وستوءَ جي گهر ڪري.

(٤) ساڌڪ کي بار بار اهو پرمائت ڪرڻ کپي ته هنجي وستوءَ ۾ آسڪتي نه آهي.

(٥) ساڌڪ پيره سهه ڌرمين جي باري ۾ پڻ سوچي سمجهي ۽ ٿوري انداز ۾ وستن جي گهر ڪري.

برهمچريه مهاورت

ساڌڪ کي برهمچريه جو پالن ڪرڻ لاءِ هن ريت پرتگيا ڪرڻي آهي ته آءٌ سڀني قسمن جي مٿن ڪريا (يعني سنڀوگ) جو ساري عمر تياڳ ٿو ڪريان آءٌ ديوتائن منشين ۽ پشن سان پاڻ سمڀوگ نه ڪندس نه ٻين کان

ي اندر وڃڻ کان ڪير به روڪي نه سگهندو آهي
ليڪن پڪشو ساڌڪ کي اُن ۾ راڳ ۽ دويش ٻنهي جو
تياڳ ڪرڻ کپي.

(۴) ساڌڪ کي زبان رسني وڻندڙ ۽ اڻوڻندڙ سواد
۾ به موهه يا نفرت نه ڪرڻ کپي. ائين صحي آهي ته
زبان کي سواد وٺڻ کان روڪي نه سگهبو ليڪن ان سواد
جي پيدا ٿيندڙ اثر کي ساڌڪ پڪشو تياڳي سگهي ٿو.

(۵) ساڌڪ کي ڪنهن به وستو کي ڇهڻ ڪانپوءِ ان
وستوءَ ۾ به موهه يا نفرت جو ڀاءُ نه رکي ان ڀاونا جو به
تياڳ ڪري. شرير کي ڇهاءُ ڪانپوءِ جيڪو آزمودو ٿيندو
ان کي ته روڪي نه سگهبو ليڪن ان ڇهاءُ ڪانپوءِ من
تي جيڪي اثر پيدا ٿي سگهن ٿا انهن کي ته روڪي
سگهجي ٿو.

هينئر اچو ته اسين سڀ انهن سکيائن جو سوکيمتا
سان اڀياس ڪريون انهنڪي ٻارهڪي سان جاچينداسين
ته ڏسڻ ۾ ايندو ته سنسار جي سکيائن جو نچوڙ انهن ۾
اچي ويو جي ڪو به منش سچ پچ انهن سکيائن تي عمل
ڪري ته هوُ هڪ بهترين درجي جو انسان ٿي سگهيٿو
جنهنڪي فرشتو يا ديوتا به ڪري چئجي. انهن سکيائن
تي عمل ڪرڻ سان انسان ڪماليت جي درجي تي
پهچي ٿو.

اڄ جي يگ ۾ سنسار ۾ ٿئي واڌي پيئي ٻڌڻ ۾

ائين ڪندو تہ اُن کي ائين ڪرڻ ۾ ڪو بہ سهيوڳ نہ ڏيندس ان رات آءُ پاڻ کي پاپ ڪرم کان آجو ڪريان ٿو. سنگرہ ٻڌي جي آسڪتي موہ جي نندا ڪريان ٿو ۽ پاڻ کي پاپن کان مڪت ڪريان ٿو. ان پرتگيا جي پنيان بہ پنج ڀاونائون ڪم ڪري رهيون آهن:-

(١) ساڌڪ ڪڏهن بہ ڪنهن سان بہ ڪڙي مڌر شبد ٻڌي انهن ۾ آسڪتي، پريم يا موہ نہ ڪري. اهڙيءَ طرح ڪوڙا شبد ٻڌي هوُ دويش (ساڙ پچ) نہ ڪري چاڪاڻ تہ ائين ڪرڻ سان چت جي شانتي ڀنگ ٿئي ٿي ۽ ساڌڪ ڌرم نشٽ ٿي وڃي ٿو. ڇيو وڃي ٿو تہ ڪن ۾ پوندڙ شبد کي روڪڻ ممڪن نہ آهي ليڪن ان شبد جي ڪن ۾ پوڻ ڪانپوءِ جيڪو اثر ممڪن ٿي سگهي ٿو ان کي تہ ساڌڪ ٽاري سگهي ٿو.

(٢) ساڌڪ اکين سان وڻندڙ، اڻ وڻندڙ روپ ڏسي ان ۾ نہ تہ پريم ڪري ۽ نہ وري ان کان نفرت ڪري ڇوٽي آهي تہ اکيون تہ ڏسڻ جو ڪم ڪندئون ليڪن ان ڏسڻ ڪانپوءِ جيڪو ڀاءُ پيدا ٿئي اهو روڪڻ تہ ساڌڪ جي وس آهي انڪري پکشو کي پريم ۽ نفرت ڇڏڻ کپي.

(٣) ساڌڪ کي نڪ رستي پرائہ ۽ اپرائہ بوءِ وٺڻ ڪانپوءِ هڪ کي پسند ۽ ٻي کي ناپسند جهڙي ڳالهہ نہ ڪرڻ کپي. هونئن بہ ڇوٽي آهي تہ نڪ رستي بوءِ

رکيو نه آهي اڄ جيڪي گهر جي سو رکو سڀاڻي جو داتا سڀاڻي ڏيندو.

ايشور نه آهي

سڀ ڪان وڏيڪ مڃتا ڀارت ۾ جا ڀڳوان مهاوير جي وقت ۾ به هئي ۽ هيڻر به آهي ته جڳت جو ڪرتا ايشور آهي. ايشور جا به ٣ روپ آهن هڪڙو سنسار جي رچنا ڪندڙ ٻيو سنسار جي رکيا ڪندڙ ۽ ٽيون سنسار جو سنگهار ڪندڙ. ويدڪ ڌرم انوسار برهما سنسار جو نرماڻ ڪندڙ آهي وشڻو سنسار جو پالڪ آهي ۽ شو سنسار جو سنگهار ڪندڙ آهي انڪري هي ٽيئي آدي ديو ڪري مڃيا ويندا آهن. ايشور کي سرو شڪتيمان، سرو درشي ۽ سروويپو ڪري مڃيو ٿي ويو. ليڪن ڀڳوان مهاوير جيو ته درشٽ (نظر ايندڙ) ادرشٽ (نظر نه ايندڙ) جڳت جو نرماڻ ڪندڙ ايشور نه آهي پر اهو نرماڻ ازخود ٿيو آهي ان ۾ ٦ بنيادي تتو آهن (١) جيو (٢) اجيو يا پدگل (٣) ڌرم (٤) اڌرم (٥) آڪاش (٦) ڪال (يعني وقت) انهن ۾ جيو چيتن آهي باقي سڀ جڙ آهن.

جن ڀڳوان مهاوير جي سکيائن جو سوکميتا سان اڌيئن ڪيو آهي انهن جي اها مڃتا آهي ته ڀڳوان مهاوير ان لاءِ ايشور کي جڳت جو سرشٽا ڪري نه مڃيو ڇاڪاڻ ته ايشور کي جڳت جو سرشٽا مڃڻ سبب انيڪ اُلجهنون

اڇي مگر سان اهنسا جو اُپديش ۽ عمل ۾ هنسا ڪري سنسار ۾ ڪڏهن ڪٿي نه ڪڏهن ڪٿي جنگيون جاري آهن هڪ انسان ٻئي انسان کان نفرت ٿو ڪري ڪٿي جاتي ڀيد ڪري ته ڪٿي رنگ ڀيد ڪري ڪٿي ڌرم سبب ڪٿي ڀاشا سبب نه ڪٿي ملڪ سبب. هڪ انسان ٻئي انسان جو گلو ڪاٽڻ ۾ دير ڪونه ٿو لڳائي. ڇوٽ ۾ نه هي سنسار سڄو سنسار آهي ليڪن اڄوڪي دنيا ۾ جيترو جهنگليپڻو ۽ جاهليپڻو وڌيل آهي اڄ جي دنيا کي وگيان جي اُنتي ڪانپوءِ جيترو خطرو وڌيل آهي اوترو شايد هن کان اڳ ڪڏهن به ڪونه هئو. اڄ سنسار کي جي تباهي کان بچائڻو آهي ته سنسار کي ڀڳوان مهاوير جي سندر سکيائن کان واقف ڪري ان پٺاندڙ هلڻ جي سکيا ڏيڻي پوندي هن ٥ پرتگيائن ۾ ڪيڏي نه سندر سکيا سمايل آهي اڄ سنسار ۾ چور بزاري جمع خوري، نفع خوري، ڀرشٽاچار، پراستري گمن، ڦرلٽ چور لوٽ ڌاڙا خبر ناهي ته ڪيترا ۽ ڪيڏا نه ڀيانڪر اپراڌ وڌيل آهن انهن اپراڌن کان ڇوٽڪارو ڪيئن ملي؟ اڄ سنسار اڳيان اهو هڪ زبردست سوال آهي؟ انجو حل تڏهن ملي سگهندو جڏهن اڄ جو ماڻهو ڀڳوان مهاوير ۽ ٻين مهاپرشن جي ڏسل سکيائن تي عمل ڪري.

اپريگره سڌانت ڪيڏو نه سندر آهي اوترو گرهڻ ڪرڻو جيتري جي ضرورت هجي. باقي وڌ جمع ڪري

ڪرم سنڌانت

ڀڳوان مهاوير چيو ته جيو اناديءَ ڪال کان ڪرمن سان جڪڙيل هليو ٿو اچي، جهڙيءَ ريت سونَ جي کاڻ مان نڪتل پٿر ۾ سون ۽ پٿر جا ڪڻ انادي ڪال کان پاڻ ۾ جڪڙيل آهن. اهڙيءَ ريت جيو سان گڏ ڪرم جا پرمالو پڻ انادي ڪال کان جڪڙيل آهن. جهڙيءَ ريت باهه ۾ وجهڻ سان سون ۽ پٿر جا ڪڻ الڳ ٿين ٿا، اهڙيءَ ريت جيو کان ڪرم به الڳ ڪري سگهجن ٿا. ڪرمن سان ٻڌل جيو، من وچن ۽ ڪايا سان نون نون ڪرمن جو سرجن ڪري ٿو ۽ انهن سان ٻڌل رهي ٿو. نون ڪرمن اچڻ کي "آسرو" چون ٿا ۽ نون ڪرمن سان ٻڌجڻ روڪڻ کي "سنور" چون ٿا. ٻڌل ڪرمن کان ٿوري ٿوري الڳ ٿيڻ کي "نرجرا" چون ٿا. جڏهن سڀ ڪرم جيو کان الڳ ٿي وڃن ٿا تڏهن هو ڪرم ڦل کان مڪت ٿئي ٿو ۽ اهوئي درجو موکش آهي. ان کي سمجهائڻ لاءِ هڪڙو اهڙو مثال ڏجي ٿو. هڪ ٻيڙي ۾ هڪ ننگ ٿي پيو ۽ ٻيڙيءَ ۾ اندر پاڻي اچڻ لڳو ۽ ڀرجڻ لڳو. هاڻي پاڻي جي ٻيڙيءَ ۾ اچڻ جي ڪريا کي "آسرو" چيو ويندو. پاڻيءَ جي ڀرجڻ کي "ٻنڌ" چيو ويندو. ٻيڙي ۾ ٿيل ان ننگ کي بند ڪري

ڪي پيدا ٿيون. جي ايشور سرو شڪتيمان آهي ته پوءِ سنسار ۾ سڀ ڪي سکي ڇو نٿو بڻائي؟ سنسار ۾ ٻيو گهٽ وڌايون ڇو آهن؟ اهي نه هئڻ کپن. جي راڳ ۽ دويش ڪارڻ ايشور ڪنهن ڪي سکي ٿو بڻائي ۽ ڪنهن ڪي دکي ته پوءِ اهڙي راڳ دويش واري کي ايشور ڪري ڪيئن مڃجي. وري جي ڪٿي ائين چئجي ته ايشور بري ڀلي ڪرمن مطابق برو ڀلو بڻائي ٿو ته پوءِ ان ۾ ته ڪرم پرڌان ٿيو نه ڪ ايشور سرو شڪتيمان پر جي ايشور سرو شڪتيمان آهي ته پوءِ هن کي ڪرمن جو غلام ٿجي برو ڀلو ڇو ڪرڻ کپي. وري سوال ٿو اٿي ته ايشور جڳت کي ڇا لاءِ ٿو ناهي؟ ڇا هو صرف پنهنجي آنند لاءِ سنسار جو سرجن ٿو ڪري؟ جي ائين آهي ته پوءِ ائين چوڻو پوندو ته ايشور به اڇائن جي اڌين آهي ۽ اڇائن جي اڌين ٿيڻ وارو ڪڏهن به ايشور ٿي نٿو سگهي. ايشور کي سنسار جو ڪرتا مڃڻ سڀ وڪتي کي پنهنجي لاءِ وشواس جي ڀاونا ۽ پاڻ ڪجهه ڪري سگهڻ جي ڀاونا جي ڪمي محسوس ٿيڻ لڳندي. هو ٻئي جي آسري رهڻي ايشور آسري آلسي رهجي ويندو. اهڙين ٻين انيڪ ڪمزورين کي ڌيان ۾ رکي ڀڳوان مهاوير چيو ته هي سمپورڻ وشو ازخود نرماڻ ٿيل آهي ان کي ڪنهن به ايشور نه بڻايو آهي نه پالي ٿو نه ماري ٿو.

ٻيا ڪرم چترڪار جيان آتما کي نانا پرڪارن جي جوڙڻ ۽ لوڪن جا نالا ياد ڏيارڻ لڳا.

ٽئون ڪرم ڪنير جيان آتما کي اوچ يا نيچ ڪل جي روپ ۾ ٺهڻ لاءِ تيار ڪرڻ لڳا.

انتراءِ ڪرم ڀنڊاري جيان ڏيڻ ۽ وٺڻ جي وچ ۾ اچي دان وغيره ڪرڻ ۾ وگهڻ وجهڻ لڳا.

انهن اٺن ڪرمن جا اڃان به وڌيڪ ڀيد پرڀيد ڪيا ويا آهن. درشيمان (نظر ايندڙ) جڳت ۽ لوڙي ادرشيمان (نظر نه ايندڙ) جڳت معنيٰ هي جهان ۽ هو جهان ٻنهي جهانن ۾ منش جي هرهڪ پرورتي انهن ڪرمن جي اثر هيٺ هلي ٿي. هرهڪ منش ٻنهي جي ڪرمن جو ٻانڌو ٿي ڪرتا آهي ۽ انهن جي نتيجي ٻري لوڙي ٻاڌي جو ڀوڳ ڪندڙ به ٻانڌو ٿي آهي. انسان چاهي ته ڪوشش ڪري ڪرمن جي ٻنڌڻن کان مڪت ٿي سگهي ٿو. ٻين جي ڪوشش سبب هو ڪرمن جي ٻنڌڻن کان ڇٽي ڪري نه سگهندو.

اهو ڪرم سڌانت انسان کي پنهنجي فرض ڏانهن مائل ڪري ٿو. مذهبي اهو وشواس ٿو پيدا ڪري ته ايشور يا ٻي ڪنهن ايشوري طاقت ذريعي

پاڻيءَ جي اچڻ کي روڪڻ کي "سنور" چئبو ؛ ۽ ڪسان پوءِ اُن ڀيڙي مان ڪڍيل پاڻي ٿورو ٿورو ڪوٺي ڪڍڻ کي "نرجرا" چئبو.

جين شاسترن ۾ ڪرم جا مکيه ڀيد اٺ ڪيا ويا آهن.

١. گيان ورڻيه ٢. درشنا ورڻيه ٣. ويدنيه ٤. موهنيه ٥. آيو ٦. نام ٧. گوتر ٨. انترايه.

گيان ورڻيه ڪرم جيو جي گيان گڻ تي پردو وجهن ٿا جهڙي ريت گهاٽا بادل سج جي روشني کي ڍڪي ڇڏيندا آهن اهڙي ريت اِن ڪرمن جا ڪرم جيو جي گيان تي پردو وجهن ٿا.

درشنا ورڻيه ڪرم جيو جي درشن جي گڻ تي پردو وجهن ٿا.

ويدنيه ڪرم گُڙ لڳل تلوار جيان جيو کي اندران جي سک ۽ ڏک جو انڀوُ ڪرائين ٿا.

موهنيه ڪرم شراب جيان آتما کي موهت ڪن ٿا، ڪروڌ وغيره جا وڪار اِن ڪرم سبب پيدا ٿين ٿا.

آيو ڪرم زنجير جيان شرير ۾ آتما کي روڪي رکن ٿا.

هو ڪرم بنڌڻ کان مڪت ٿي موکش کي پراپت
ڪندو ۽ هو آتما مان پرماتما بڻجي پوندو .

ڪرمن جي بنڌن کان مڪت ٿيڻ تي هرهڪ
آتما پرماتما بڻجي سگهي ٿو ، هو شرير جي بنڌڻ
کان سدائين لاءِ آجو ٿئي ٿي . مڪت آتما کي وري
جنم ڌارڻ ڪرڻو نٿو پوي . اهـا سنسار ۾ وري
واپس نه ٿي اچي .

ڀڳوان مهاوير جو اوتارواد ۾ وشواس نـه هئو
هن جو چوڻ هيو ته جي دک جي وقعه انسان کـي
ڪشٽ کان ڇڏائڻ لاءِ ايشور کي اوتار وٺڻو پوندو ته
پوءِ انسان مان خود ڪرم ڪرڻ جي شڪتي نشٽ
ٿي ويندي ؛ هو هميشه پنهنجي ڪلياڻ لاءِ ٻين تي
ڀاڙيندو . ان ڪري مهاوير چيو ته هرهڪ کـي چڱا
ڪرم ڪري پنهن جـي آتما جو وڪاس پاڻ ڪرڻو
آهـي ، پنهنجو پاڻ کي پرماتما بڻجڻو آهي . ڀڳوان
مهاوير چيو ته سٺا ڪرم ڪرڻ لاءِ سٺو وهنوار ڪجي
۽ سٺو وهنوار تڏهن ٿـي سگهندو جڏهن وچار شڌ
هوندا . انڪري ڀڳوان مهاوير چيو ته وهنوار سڌارڻ
کان اڳـ وچارن ۾ ڪرانتي آڻڻ کپي . ان لاءِ هن
انيڪانت سڌانت جو چنتن ڏنو .

هن جو ڪلياڻ نه ٿيندو بلڪ پنهنجي ڪلياڻ لاءِ هن کي خود ئي ڪرم ڪرڻو پوندو.

ايشور - آتما ۽ پرماتما

ڀڳوان مهاوير جو چوڻ هيو ته هر هڪ آتما هڪ سوتنتر اڪائي آهي. اها اڪائي پنهنجو پاڻ ۾ پرپورڻ آهي. سنساري اوستا ۾ ڪرمن انوسار ان آتما کي الڳ الڳ جوڻين ۾ وڃڻو پوي ٿو جنهن پرڪار جو شرير هو گرهڻ ڪري ٿي، ان پرڪار جي روپ ۾ هن کي رهڻو پوي ٿو. تنهن جي خيال کان آتما ۾ انيڪ گڻ آهن ليڪن ڪرمن جي پردي چڙهڻ سبب آتما جا اهي گڻ ڏيکجيو نٿا وڃن، ظاهر نه ٿا ٿين جهڙي ريت سج بادلن جي وچ ۾ ڍڪجڻ سبب روشني نه ڏيندو آهي ۽ بادلن هٽڻ تي پرڪاش ڦهلائيندو آهي. اهڙي ريت آتما جيئن جيئن نيڪ ڪرم ڪري ٿي، ڪرمن جي پردي کي هٽائيندي ٿي تيئن آتما جو گيان ۽ انيڪ گڻ ظاهر ٿين ٿا.

ڀڳوان مهاوير چيو ته هر هڪ جيو پنهنجو ايشور پاڻ آهي. هو پاڻ کي ٺاهيندڙ آهي. هو اننت شڪتيمان آهي. پنهنجي آتمڪ گڻن جو وڪاس ڪندڙ پاڻ آهي. گڻن جو سمپورڻ وڪاس ڪرڻ تي

اهي ٻه اکر آهن — "ايڪ" ۽ "انت". ايڪ
اکر جو مطلب آهي هڪ کان وڌيڪ. هڪ کان وڌيڪ
— ٽي سگهن ٿا ۽ ٻي انت به ٿي سگهن ٿا.
اهڙي ريت انت اکر جو ارٿ آهي ڌرم يا گڻ (هت
انت اکر جو مطلب ٻهاڙي نه آهي) هيئنر انهن ٻنهي
اکرن کي ملائي جي مطلب ڪيندا سين ته نسرگ ۾
ايندو ته هر هڪ شيءِ ۾ بي شمار گڻ موجود آهن.
ٻي شمار گڻن واري وستو ئي انيڪانت آهي. هر
هڪ وستو ۾ بي شمار شڪتيون آهن جنهن کي گڻ
يا ڌرم چيو وڃي ٿو. انهن ۾ جيڪي شڪتيون هڪ
ٻئي جون وروڌي آهن يا وروڌي لڳنديون آهن انهنکي
ڌرم چئجي ٿو جيئن نتيتا (معني قائم) ۽ انتيتا
(يعني فنا) "ايڪتا - انيڪتا" "ست - است"
يتا (اڪثريت) ايڪتا (وحدت) وغيره. اهڙي
ريت جيڪي شڪتيون وروڌ کان ٻري آهن جن جو
وروڌ ڪونهي. انهن کي گڻ چون ٿا جيئن آتمڪ
گيان، درشن سک وغيره.

جن گڻن جو ڀاڱ ۾ وروڌ نه آهي انهن جهڙي
ڪنهن شيءِ ۾ موجودگي کي نه سڀ مڃي سگهن ٿا.
جن گڻن ۾ وروڌ آهي انهن کي سياندوادي سويڪار
ڪري ٿو.

انيڪانت ۽ سياد واد

انيڪانت ، ڀڳوان مهاوير لوڙي جين چنتن جي آڌار شلا (بنيادي پٿر) آهي . وستو جي روپ جهڙي وشيه ۾ ڀڳوان مهاوير چيو ته وستو جي سروپ جا جيترا به پهلو آهن اهن طريقن سان ان لاءِ ويچار ڪري سگهجي ٿو ، ڪنهن به هڪ پاسي کان ان کي پورو سمجهڻ ڪافي نه آهي . ان مان وستو جهڙي پوري روپ جو گيان به ڪو نه ٿي سگهندو . وستو جي انيڪانت سروپ کي سمجهائڻ واري طريقي کي " سياد واد " چون ٿا . انيڪانت ۽ سيادواد جو پاڻ ۾ " ڏس ۽ ڏسيندڙ " جو ناتو آهي سيادواد سڀني وستن جي سروپ کي سڌ ڪرڻ وارو وستو آهي . انيڪانت سياد واريون سڀ وستو انيڪانت لڳو واريون آهن . جا وستو نت آهي سا انت به آهي جا وستو هڪ آهي يعني ايڪ آهي سا انيڪ (گهڻي) به آهي . جا وستو سَت آهي اها وستو اسَت به آهي جا وستو نتيه آهي سا انتيه به آهي . اهڙي رهت وستو جي اپادن ۾ ٻن شڪتين جي پرڪاشت ٿيڻ کي " انيڪانت چون ٿا .

انيڪانت اکر ٻن اکرن جي جوڙ سان ٺهيو آهي

ھمچرا ۽ اپرگرھ ، انھن لئي روشني ھن پستڪ ۾
۾ ئي ڏني ويئي آھي . انھن پنجن پرڪريائن کي
الن ڪرڻ لاءِ ساڌڪ ٻيا مڃي لاءِ جيڪو طريقو رکيو
يو ان کي "مھاورت" چيائون ۽ جيڪو گرھستي لاءِ
کيو ويو ان کي "اڻوورت" چيائون . انھن جو پالن
ڪنھن به جاتي يا ڪل ۾ پيدا ٿيل ڪير به آسان
ڪري سگھي ٿو .

ڀڳوان مھاوير جنھن اڻوورتي سماج جي ڪلپنا
ڪئي ان ۾ ڪو به ورڻ ڀيد نه آھي سڀ شخص
نھن جي پنجن جي فرض جي پالنا ڪنھن لئي
وچار ، وڏائي کي مڻ ۾ نه آڻيندي سولائي سان ڪري
سگھي ٿو جيڪو جنھن به ڪارڻ کي ڪري ان کي
وري لشنا سان ڪري ڪنھن خاص گھراڻي يا جاتي
پيدا ٿيڻ سبب نه ته هو ان گھراڻي ۾ ھلندڙ پرمپرا
ڪارڻ کي ڪرڻ لاءِ ضروري بدل آھي ۽ نه وري
و اھي ڪم نه ڪرڻ جي حالت ۾ به جنم جي
دار ٿي اھي ڪم ڪرڻ جو اڌڪاري آھي .

مھاوير چيو ته براھمڻ، ڪتري، وئشيہ شودر
غيرہ جيڪي به سماج ۾ ڀيد پيدا ڪندڙ ڳالھيون
ھن انھن کي مڃڻ غلط آھي . سچي منشيہ جاتي

جئين‌ته سڏانت شبد ڪوش ۾ "سيادواد"
جو ارٿ هن رِيت ڏنل آهي.

"انيڪانت متي شيءِ جي بيان ڪرڻ جو طريقو
سيادواد آهي."

ڀڳوان مهاوير جيو تہ انيڪانت مولڪ وچارن
لاءِ سيادواد جي ڀاشا ضروري آهي. ان ڪري جنهن
وقت وستو جي جنهن پکش جو وچار ڪجي. ان
کي ان درشٽي کان اڳيان رکجي. ڏهي ولوڙيندڙ
ڳوالڻ جڏهين ڏهي ولوڙيندي آهي تڏهين مکڻ
ڪڍڻ لاءِ مانڌاڻي کي اهڙي طرح هلائيندي آهي جو
هڪ هٿ سان رسي ٻاڻ ڏانهن ڇڪيندي آهي تہ
ٻئي هٿ سان ان رسيءَ کي ورتي ڍر ٻـ
ـٺهندي آهي.

جيئن ۾ انيڪانت درشٽي سان گهڻن ئي
جهڳڙن کي ٽاري سگهجي ٿو. وچارن ۾ انيڪانت
۽ ڀاشا ۾ سيادواد ڪم آڻيندڙ شخص ڪڏهين بہ ٻئي
جي وچارن جو نرادر نہ ڪندو.

وچارن انوسار سنئو وهنوار ڪرڻ لاءِ ڀڳوان
مهاوير هڪ آچار سنهتا (Code of Conduct)
ٺاهيو جنهن ۾ سڀ کان پهرين پنج ٻرلگيانون
رکيائين، اهي آهن :- اهنسا، سچائي، استيہ،

ارٿ ۽ ڪام آهن جــون مريادائـون قائم ڪيون .
شراوڪ اهن ورتن جو پالن ڪندي اڳيان وڌي ٿو .
هو شراوڪ مان ساڌو جي جيون ۾ پرويش ڪري ٿو
ساڌو جيون ۾ داخل ٿيندي ئـي سندس آتمڪ گڻن
جو وڪاس تيزي سان ٿئي ٿو . هو ڪرم بندن کـي
روڪڻ لاءِ سنور جي سادنا ڪري ٿو . گڏ ٿيل ڪرمن
کان مڪتي پائڻ لاءِ ڪٺور تپسيا ڪري ٿو . ساڌڪ
تپسيا جو اهو مـارگ انگيڪار ڪري ٿو جـــو خود
ڀڳوان مهاوير پاڻ لاءِ سويڪار ڪيو هيو . سادنـا ۽
آتـم چنتن جي مارگ تي وڌندڙ ساڌڪ ” اسراو “ ۽
بنڌ تـــي ٿـورو ٿرسجي وري هلي ٿو . اڳيان ڪرم
نـــرجرا رستي ڇڏيندا رهن ٿا هـــو آتما مان پرماتما
بڻجڻ لاءِ اڳيان وڌي .

پـرماتما بڻجڻ جي رستي ۾ آتما جي گڻن جـو
وڪاس جنهن رستي ۽ جنهن درجي ٿئي ٿو ان کي
” گڻ استان “ چئجي ٿو ؛ اهي گڻ استان ۽ چوڏهن
آهن . آتـما جـي وڪاس لاءِ اهـي ١٤ ڏاڪا آهن
چوڏهين ڏاڪي تي پهچندي پهچندي ساڌڪ پوري
رهت پرماتم سروپ کـي پراپت ڪري ٿو . اها ساڌو
جيون جـي سڀ کان وڏي سڦلتا آهي . ان اوستا

هڪ آهي ، هڪ انسان ۽ ٻئي انسان جي وچ ۾ جنم جي آڌار تي جاتيءَ جي آڌار تي ڀيد ڪرڻ هڪڙن سان پيار ڪرڻ ۽ ٻين کان نفرت ڪرڻ اهو غلط آهي انڪري سماج ۾ جنم سان نه، پر ڪرم سان ورڻوسٿا ٿيڻ کپي .

شخصيت جي وڪاس لاءِ مٿين پڌرن پرتگيائن کان سواءِ ست ٻيون به آهن ڪل ملائي انهن ١٢ ورت چون ٿا . جو شخص اهي ١٢ ورت ڪري ٿو ان جي اوسٿا اهڙي ٿيندي آهي جو هو آتما جي وڪاس لاءِ سوچڻ لڳندي آهي ڌيري ڌيري اڳتو ورتي مان مها ورتي بڻجڻ لاءِ اڳتي وڌندو آهي . ان لاءِ هن کي ڌيري ڌيري ڏاڪا چڙهڻا پوندا آهن. آتما جي وڪاس لاءِ انهن ڏاڪن کي ” پرتيمائون “ چون ٿا . اهي ڪل ١١ آهن جي هن رِيت آهن - ١. درشن ٢. ورت ٣ سامايڪ ٤. پرئوشڌوپواس ٥ سچتورت ٦ دوامٿن ورت ٧ برهمچريه ٨ آرنڀ ورت ٩ پريگره ورت ١٠ انومتي ورت ۽ ١١ اُدشٽ ورت .

ڌرم - ارٿ - ڪام ۽ موڪش اهي چار پرشارٿ مڃيا ويا آهن . مهاوير ١٢ ورتن جي ذريعي ڌرم -

ڏي ڀوڳي جيون سڀني قسمن جي ڪرم ٻنڌنن کان مڪت ٿي پنهنجي انت ڳڻن سان پرپل شڌ روپ کي پراپت ڪري ٿو.

ڀڳوان مهاوير جي جنم ۽ اپديش جو اهو تاتپرج آهي، مهاوير هر انسان کي ڀڳوان بڻائڻ چاهي ٿو. مهاوير جون سکيائون سڀني انسانن لاءِ سمان روپ ۾ آهن انڪري سندس جيون ۾ هرهڪ فرقي هر هڪ طبقي جي ماڻهن سندس سکيائن کي سويڪار ڪيو. مهاوير جي ششين ۾ هڪ طرف اندر ڀوتي جهڙا پرڪانڊ پنڊت هئا ته ٻئي طرف نيچ ذاتين جا ماڻهو به هيا. راجائون هيا ته نرڌن به هيا. مهاوير نه اهو به چيو هيو ته هرهڪ جيو پوءِ چاهي اهو منش کان سواءِ ٻئي ڪنهن جوڻ ۾ ڇو نه هجي اهو سلسلي وار پنهنجي آتما جو وڪاس ڪري سگهي ٿو ۽ هڪ ڏينهن پرماتما سروپ کي پراپت ڪري سگهي ٿو. پرماتما سروپ پراپت ڪرڻ جي اها ساڌنا هڪ جنم ۾ به پوري ٿي سگهي ٿي نه ان لاءِ انيڪ جنم به وٺي سگهجن ٿا. [illegible] سميڪ گيان ۽ سميڪ چرتر اهي ٽي ڳڻ رتن آهن. جيو اهي رتن جيترو جلد حاصل ڪري اوترو جلد ساڌڪ نرواڻ پد کي پراپت ڪندو.

ڪٽر نانڪرام ايسراڻيءَ جا ڇپايل ڪتاب



ي ڀاشا ۾-

رستال ڏانهن راهي ڀارت جو هندو (ڪوجنيڪ پستڪ)

سنڌوپتي مهاراجا ڏاهرسين (ڪوجنيڪ پستڪ)

سنڌو سيوا سنگهه مقصد ۽ ڪاريه

سنڌوءَ مان هندو (ڪوجنيڪ پستڪ)

شاهه جي رچنائن ۾ هندو درشن جو درشن

ڀڳوان مهاوير (ڌارمڪ پستڪ)

واڳ سڄڻ تنهنجي وَس (آتم ڪٿا)

سنديش-ڀاڱو پهريون (ڪويتا سنگرهه)

سنديش-ڀاڱو ٻيون (ڪويتا سنگرهه)

غزل گيتا (٢٠ شلوڪن ۾ گيتا جون پرمک سِکيائون)

ڀارت ۾ ڀومِيءَ جي کوج (سنڌي مسئلا)

وواهڪ وواد (ڀيانڪر سماجڪ سمسيا)

سنڌِي- سنڌ ۾ هند ۾ سنسار ۾ (سنڌين سان واسطو رکندڙ ليک)

وواهه سنسڪار (سماجڪ ۽ ڌارمڪ)

ي ڀاشا ۾-

هندو اُٿان ايوم پتن ڪا وشليشڻ

سنڌوپتي مهاراجا داهرسين

شاهه ڪي رچنائون ۾ هندو درشن ڪا درشن

سنديش- ڀاڱ ايڪ (ڪويتا سنگرهه)

سنديش- ڀاڱ دو (ڪويتا سنگرهه)

ڪٺپتلي (ميري ڊوري تيري هاٿ)

وواهڪ وواد (ڀيانڪر سماجڪ سمسيا)

ڪتاب- شرِي گروجِي (جيون چرتر)

ڪويتا ۾ ويدانت (سيمينار ۾ پڙهيل ليک)

۽ آريه سماج

جو پتو: هندو ڀومِي پرڪاشن نياس (ٽرسٽ)

ڪاش ڪالوني، توپدڙا، پوسٽ باڪس ٨٩، اجمير